# سون برابر سڳڙا

(علامه دائودپوٽي جا مضمون ۽ مقالا)



مرتب

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ

# سون برابر سڳڙا

(علامہ دائودپوٽي جا مضمون ۽ مقالا)

ترتيب

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،

حيدرآباد، سنڌ

۱۹۹۷ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

كتاب: سون برابر سڳڙا (علامه دائود پوٽي جا مضمون)
مرتب: انور فكار هكڙو
ڇاپو: پهريون
سال: نومبر ١٩٩٧ع
تعداد: هڪ هزار
اشاعتي نگران: امين لغاري
كمپوزنگ: سخاوت علي جتوئي ۽ حسين احمد ميمڻ

قيمت: ٦٠

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،
سنڌ صوبائي ميوزم، نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد، سنڌ

هيءُ كتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيكريٽري تاج جويي، پاكيزه پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپائي، اداري جي آفيس حيدرآباد مان شايع كيو.

# ارپنا

سائين نياز همايوني صاحب

۽ محترم نواز 'نقش' ناياب منگي صاحب،

جن جي نالي

مـون مـاروءَ سـين لـڏيـون، لـوئـيءَ ۾ لائـون،
سـون برابر سـڳڙا، مـون کي ٻانهن ٻڌائـون،
عـمر جو آئـون، پَٽُ کِـئـن پرهيان، سـومرا!

(شاه)

# فهرست


□ ٻه اکر — تاج جويو

□ پيش لفظ — حميد سنڌي

□ مُهاڳ — انور فگار هَڪڙو

○ سنڌي شاعر ۽ سندن شعر(١) ________

○ سنڌي شاعري ۽ سندن شعر (٢) ________

○ سنڌي شاعري ________

○ قاضي قاضن جا همعصر ________

○ قديم سنڌي نثر ________

○ برٽن صاحب جي سنڌي ساهت تي نظر ________

○ سنڌي صورتخطيءَ ۾ سڌارو ________

○ سنڌي لغت تي ودانن جا رايا ________

○ ديوان منوهرداس کي جواب ________

○ ڪاڪي پيرومل کي جواب ________

○ عقابيل اکيون يا او قابيل اکيون ________

○ اسان جي سنڌي زبان ________

○ "سرُها گُل" جي تمهيد ________

□ ڪنهن بہ قوم جو علم ادب، تاريخ جي جدا جدا عرصن موافق، انهيءَ قوم جي خيالن ۽ جذبن جو آئينو آهي. ڪنهن بہ خاص عرصي جي تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي پهريائين ان عرصي جي علمي ادبي خزاني کي ڪولڻو پوندو. سن ۽ واقعا، تاريخ جو فقط بوتو ٿا هين ٿا، پر ان جي رڳن ۾ روح تڏهن پوندو، جڏهن منجهس ادبي تاريخ جو ذخيرو پربو، جنهن جي رستي اسان کي خبر پوي تہ قوم جي قديم فردن جا ڇا ڇا خيال ۽ جذبا هئا، سندن علم جي مراد ڇا هئي، ۽ سندن رهڻي ڪهڻيءَ جا ڪهڙا سرچشما هئا: مطلب تہ هرڪنهن قوم جي هستي سندس علمي ۽ عملي ذخيري تي مدار رکي ٿي.

افسوس اڍائي هزار ورهيہ گذري ويا آهن تہ، سنڌ جي تاريخ ۽ علم ادب تي ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو ويو آهي. موجوده وقت ۾ ڪي قدر ڪوشش انهيءَ باري ۾ ورتي ويئي آهي، پر اڃا تائين ڪو اهڙو معقول نتيجو ڪونہ نڪتو آهي ۽ ڪنهن بہ پوري روشني نہ وڌي آهي. سنڌ جي تاريخ ۽ علمي خزانو هڪ پوريل دفتر ٿي رهندا، جيڪڏهن هرڪو فرد ان جي ڪوجنا ڪرڻ ۾ بهرو نہ وٺندو. سنڌ ملڪ کي هڪ عاليشان تاريخ ۽ علمي خزانو آهي، جو اسان جي اڻجاڻائيءَ ۽ وڏن جي لاغرضائيءَ ڪان ناس ٿي ويو آهي، ۽ جي هينئر بہ اسين پنهنجون اکيون بيپرواهيءَ ۽ نيم خوابيءَ کان نہ کوليندا سون تہ انهيءَ تاريخ جا رهيل کهيل آثار بہ آهستي آهستي ناپيد ٿي ويندا.

علامہ ڊاڪٽر دائودپوٽو

# ٻه اکر

سنڌ جي عظيم محسن، عالمن جي سج، شاهه لطيف جي جاٽوءَ ۽ سنڌ جي اعليٰ تعليمدان ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي اوڻيتاليهين ورسيءَ جي موقعي تي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران، هن عظيم عالم جا اڻليا مقالا، جيڪي اسان جي نوجوان ۽ جاکوڙي دوست، محقق ۽ سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي اُستاد، محترم انور فگار هَڪڙي ترتيب ڏنا آهن، ڇپائيندي فخر محسوس ڪري رهيا آهيون.

هنن مقالن جي اهميت ٻن حوالن کان سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ رهندي. هڪ ته هي مقالا، وقت جي اهم ادبي رسالي "سنڌوءَ"، سنڌ جي تاريخي حيثيت واري اخبار "الوحيد" ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي جڳ مشهور ٽماهي رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپجي، ميٽا ماٽي چڪا هئا؛ ۽ ٻيو ته هنن مقالن ۾ جتي سنڌي شاعريءَ ۽ نثر بابت ابتدائي تاريخي تحقيق ۽ ڄاڻ ڏنل آهي، اُتي سنڌي صورتخطيءَ جي دُرستيءَ ۽ سنڌي لغت بابت شروعاتي بحث ٿيل آهي.

هنن مقالن ۾ ڪٿي ڪٿي زبان جي سختي ۽ تنقيد جي تيز نشترن جا وار به محسوس ٿيندا، جيڪي ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب جي همعصر عالمن سرگواسي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ۽ ٻين تي ٿيل آهن. ڀيرومل مهرچند، سنڌي زبان جي اوائلي اڏيندڙن مان هڪ آهي، اُن جو علمي ادبي پورهيو ۽ خاص ڪري شاهه جي رسالي تي بحث ۽ تنقيدي نقطي نگاهه سنڌ ۾ وڏي علمي حيثيت رکي ٿو، پر ورهاڱي کان اڳ ڪجهه رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇيڙيل بحث جي انداز ۽ طريقي تي نظر وجهجي ٿي ته ان قسم جي تيز تنقيد سياويڪ لڳي ٿي. ان تيز ۽ تُند تنقيد جي باوجود ڏسڻ ۾ ايندو ته ڊاڪٽر دائودپوٽو صاحب، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي صاحب جي علمي حيثيت سان نه رڳو انڪار نه ٿو

ڪري، پر سندس لاءِ احترام جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:
”ڪاڪا سائين! اوهان جي ادب ۽ ڪمال لاءِ هرڪنهن کي عزت آهي. اوهان پنهنجي ساري ڄمار سنڌي ساهت جي شيوا ۾ صرف ڪئي آهي. اسان جهڙا اوهان جا ڪُتابي سونهن، ۽ اوهان جي اڳيان گوڏا کوڙي سبق پڙهن. جيڪڏهن مون جهڙي خام ٻيروءَ کان خطا ٿي ۽ تيزي ۽ هوڙهيائي ڪيم ته به اوهان جهڙي پيرسن تجربيڪار کي گهُربو هو ته ڌيرج ۽ گنڀيرتا ڌاري ها ۽ چوي ها ته ٻرت آهي، جنهن کي اجا ڇپن تان کيرُ نه سُڪو آهي، تنهن کي ڪهڙي وراڻي ڏجي.“
انهيءَ عبارت ۾ جتي ڪاڪي جهڙين علمي ادبي شخصيتن جي ادبي پورهيي جي مڃتا موجود آهي، اُتي ڊاڪٽر دائودپوٽي جي سليس، سلوڻي، سادي ۽ مٺي زبان جو رسُ به محسوس ٿئي ٿو.
خاص ڪري لغت واري حوالي سان علامه صاحب جو بحث ئي آهي، جنهن جي بنياد تي اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ جي ”جامع لغات“ جڙُي.
اسان سنڌواسين کي ڊاڪٽر دائودپوٽي جهڙن عالمن تي صدين تائين فخر رهندو. سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ ادارو علامه صاحب جا هيءَ مضمون ڇپائي، پاڻ کي ڀاڳوان سمجهي رهيو آهي.
اسان پنهنجي دوست انور فگار هڪڙي جا به ٿورائتا آهيون، جنهن هن قسم جو تاريخي ڪتاب سهيڙي اسان جي اداري جي حوالي ڪيو. آخر ۾ آءٌ پنهنجي اداري جي پبليڪيشن آفيسر امين لغاريءَ ۽ محنتي ڪمپيوٽر آپريٽرن، سخاوت علي جتوئي ۽ حسين احمد ميمڻ جو ٿورائتو آهيان، جن آفيس وقت کان پوءِ به ويهي، هي مقالا ٻن ڇئن ڏينهن ۾ ڪمپوز ڪري ڏنا.

۱۵- نومبر ۱۹۹۷ع

تاج جويو
سيڪريٽري
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# پيش لفظ

شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، سنڌ جي انهن مانائتن ۽ املهه عالمن مان هڪ هو، جن سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي پيڙهه پختي ڪرڻ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪيو هو. علامه صاحب، سنڌ جي تعليم، ادب، زبان، لطيفيات، لغت، تصوف، ڪلاسيڪي شاعري، ثقافت، تذڪري ۽ دينيات جي موضوعن تي پنهنجي مثالي تحقيقي ڪمن وسيلي اسان جي ايندڙ نسلن جي راهه روشن ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ممتاز ۽ بلند ۽ بالا عالمانه حيثيت کي ان وقت جي سرڪار مانائتي انداز سان مڃتا ڏيئي، ”شمس العلماءَ“ جي خاصي خطاب سان نوازيو. موجوده زماني ۾، سنڌ سرڪار کي به جس هجي، جنهن حيدرآباد ۾ ڊويزنل پبلڪ لئبريءَ تي شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو نيڪ نالو رکيو، جنهن سان گويا سڄو سنڌي ادب کي مان ڏنو ويو، ۽ جيڪا لئبريءَ هن وقت ڪلچر ڊپارٽمنينٽ جي هٿ هيٺ ڪم ڪري رهي آهي.

علامه دائودپوٽي، جي لکيل ڪتابن، تحقيقي ڪشالن ۽ گوناگون ادبي خدمتن کان سنڌ جا ادبي حلقا چڱيءَ ريت واقف آهن. ويهارو کن سال اڳ، سنڌ ثقافت کاتي کي چڱي مَن ۾ پيئي، جو علامه صاحب جي لکيل مضمونن کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ (”مقالا ۽ مضمون“) عنوان سان شايع ڪيو ويو. ان طرح قيمتي علمي مواد، يڪجا ٿي سگهيو.

اسان جي نوجوان جاکوڙي اديب، محترم ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي کي ذهن ۾ سُني سُجهي آئي، جو هن مخلص ادبي ڪارڪن، علامه صاحب جا اُهي پکڙيل مضمون گڏ ڪري، اسان کي ڏنا، جيڪي ورهاڱي کان اڳ واري دؤر يا ان کان پوءِ جي رسالن ۽ اخبارن (مثلاً

"سنڌو"، "الوحيد" ۽ "مهراڻ" ۾ شايع ٿيا هئا. هَڪڙي صاحب جي
اُها جاکوڙ ۽ علمي محبت جس جي حقدار آهي. مون کي اهو لکندي
فخر محسوس ٿئي ٿو تہ علامہ صاحب جي انهن مضمونن جو مجموعو
"سون برابر سڱڙا" جي عنوان سان سنڌي زبان جي بااختيار اداري
پاران اهڙيءَ هڪ سُهڻيءَ ساعت جي موقعي تي شايع ڪري رهيا
آهيون، جڏهن اثارتيءَ پاران ٢٢- نومبر ١٩٩٧ع تي، علامہ صاحب
جي ورسيءَ جو پروگرام، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي جي سهڪار
سان رٿيو ويو آهي.

"سنڌي زبان جو بااختيار ادارو" دراصل علامہ دائودپوٽي پارن
ممتاز عالمن جي علمي خوابن جي تعبير آهي. هن اداري (جنهن ۾ مون
کي تازو مئي ١٩٩٧ع کان چيئرمن جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ جو
موقعو مليو آهي) پنهنجي قيام کان وٺي جيڪو علمي ڪم ڪيو آهي،
سنڌ وارن وٽان اُن جي مڃتا اسان لاءِ وڏي حوصلي افزائيءَ جو سبب
آهي. منهنجي خوش قسمتي آهي، جو منهنجي سهڪار لاءِ اسان جي
نوجوان اديب، تاج جويي وڏي اهتمام سان ڪم شروع ڪيو آهي.
جنهن کي سيپٽمبر کان، سيڪريٽريءَ مقرر ڪيو ويو آهي.

هن موقعي تي آءٌ سنڌ جي سمورن علمي حلقن کي يقين ڏيارڻ
ٿو چاهيان تہ اسان پنهنجي ڀرپور ڪوشش ۽ صلاحيتن سان سنڌي
زبان جي بااختيار اداري جي ترقيءَ لاءِ وسان ڪونہ گهٽائيندا سين.

"سون برابر سڱڙا" شايع ڪندي، مون کي ذاتي دلي خوشي
محسوس ٿي رهي آهي، ڇو تہ هيءُ هڪ اهڙي باوقار ۽ ممتاز عالم جو
قلمي ڪشالو آهي، جنهن جي بابرڪت شخصيت تي، سنڌ جي ايندڙ
نسلن جو سلام رهندو

حيدرآباد
١١- نومبر ١٩٩٧ع

حميد سنڌي
چيئرمن
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# مهاڳ

سنڌ ۾ جيتوڻيڪ جديد مغربي تحقيقي کي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ روشناس ڪرايو، ليڪن ان کي صحيح معنيٰ ۾ اڳتي وڌائڻ ۾ علامه دائود پوٽي جو وڏو ڪردار آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب، شاهه ڪريم، خواجه محمد زمان لنواريءَ واري ۽ ميين عبدالرحيم گرهوڙيءَ تي مشتمل نوعيت جو ڪم ڪري، سندن سوانح، دؤر ۽ ڪلام کي نروار ڪيو، ۽ ان طرح سنڌي ادبي تاريخ جي اهم ڪڙين کي ملائي، پاڻ هڪ وڏي خال کي پريائون.

علامه دائود پوٽي، سنڌ جي تاريخ تي به پائدار ڪم ڪيو. ٻن تاريخي ماخذن "چچ نامه" ۽ "تاريخ معصوميءَ" جي جديد طرز تي ايڊيٽنگ، حاشيه نگاري ۽ تقابلي اڀياسَ، علامه صاحب کي سنڌ ۽ ان وقت جي سڄي هندستان ۾ وڏي مڃتا ڏياري. پوري ننڍي کنڊ ۾ سندن علمي ۽ تاريخي قابليت جي ڌاڪ ٿي ويٺي. ان سلسلي ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب لکي ٿو ته : هڪ دوست خبر ڪئي ته جڏهن هندستان جي مشهور محقق ۽ دنيا جي وڏي مفسر ۽ عالم مولانا ابوالڪلام آزاد "تاريخ معصوميءَ" تي علامه دائود پوٽي جي مقدمي ۽ تعليقات کي ڏٺو، تڏهن فرمائڻ لڳو ته "سرزمين سنڌ اڃا به محقق عالمن کان خالي نه آهي" (نئين زندگي جون ۱۹۵۸ع ص ۸).

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي تاريخ تي سنڌي ادبي بورڊ جيڪو ڪم ڪيو آهي، ان جو صحيح معنيٰ ۾ باني مباني علامه دائود پوٽو هو.

مٿي ذڪر ڪيل علمي ۽ ادبي ڪمن کان علاوه ڊاڪٽر صاحب وقت به وقت مختلف مخزنن ۽ رسالن لاءِ مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا. اهڙين تحريرن ۽ لکڻن جي پنهنجي جاءِ تي گهڻي علمي ساک آهي. رسالي "نئين زندگيءَ" ۾ ڇپيل سندن مقالا ۽ مضمون، ڪجهه سال ٿيا ته خانم خديجه دائود پوٽو صاحبه مرتب ڪيا ۽ جناب حميد آخوند صاحب جي سعيي سان "شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز" (نومبر ۱۹۷۸ع ۾) ڪتابي شڪل ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. ليڪن علامه صاحب، پنهنجي دور ۾ ڇپجندڙ ٻين ادبي رسالن لاءِ به ڪافي ڪجهه لکيو هو، ۽ انهن رسالن جا ايڊيٽر وڏي شوق ۽ اهتمام سان، سندن تحريرن کي ڇاپيندا هئا. ان ڏس ۾ شڪارپورمان نڪرندڙ "سنڌو" مخزن کي وڏي اهميت حاصل آهي.

"سنڌُو" ، جنوري ۱۹۳۲ع کان بولچند وسومل راڄپال جي ادارت ۾ شڪارپور مان شايع ٿيو. آڪٽوبر ۱۹۳۵ع تائين شڪارپور مان شايع ٿيڻ کان پوءِ اهو رسالو "ميان جي ڳوٺ" شڪارپور منتقل ڪيو ويو ۽ اتان ئي پڌرو ٿيندو رهيو. سن ۱۹۳۹ع ۾ "ميان جي ڳوٺ" کان جيڪب آباد ڏانهن نيو ويو ۽ بعد ۾ وري "ميان جي ڳوٺ" آندو ويو. سن ۱۹۴۷ع ۾ اهو "ڪراچي" مان شايع ٿيڻ لڳو ۽ آگسٽ

۱۹۴۷ع تائين شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو. (ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه سالن تائين پارت مان به نڪتو). "سنڌوءَ" ۾ شايع ٿيل علامه صاحب جا مقالا ۽ مضمون، هتي گڏ ڪري ترتيب ڏنا ويا آهن. هي تحريرون ورهاڱي کان اڳ جون آهن، جن ۾ ڪي علمي مسئلا آهن ته ڪي ادبي مباحثا آهن. ان کان علاوه هنن لکڻن ۾ سنڌي ادب جي اوسر، لغت، صورت خطيءَ ۽ سنڌي ادب جي تاريخ بابت پڻ ڪي بنيادي مسئلا نروار ڪيل آهن. علامه دائود پوٽي صاحب جن هنن لکڻن ۾، جن ادبي مباحثن ۽ مسئلن کي ڪنيو آهي، اهي يا ته ورهاڱي جي اثرن ختم ڪري ڇڏيا آهن يا وري نت نون انڪشافن ۽ ادبي تحقيقَ، انهن کي ڀرپور طريقي سان اجاگر ڪري ڇڏيو آهي. ان هوندي به اڌ صدي اڳ لکيل هنن مقالن ۽ مضمونن جي هڪ مستقل اهميت ۽ حيثيت آهي.

علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جا "سنڌوءَ" کان سواءِ هڪ مقالو "الوحيد اخبار جي ۱۴-آگسٽ ۱۹۴۹ع جي آزادي نمبر" تان، "سرها گل جي تمهيد" مقالو "سرها گل" (۱۹۳۴ع) ۾ ڇپايل ڪتاب جي مهاڳ تان ۽ هڪ مقالو سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ" مان کڻي، هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن ميڙا چونڊيءَ کان پوءِ به خاطري آهي ته ڊاڪٽر صاحب جا ڪيترا مقالا، تقريرون ۽ مضمون اڃا به ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ جدا جدا رسالن ۽ اخبارن ۾ موجود هوندا. اهڙي مواد جي نشاندهي، حاصلات ۽ ترتيب لاءِ مستقبل ۾ منهنجي ڪوشش جاري رهندي.

آخر ۾ آءٌ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سربراهه محترم حميد سنڌي صاحب ۽ سيڪريٽري تاج جويو صاحب جن جا دل سان ٿورا ميان ٿو، جن هن ڪتاب جي اشاعت ۾ خاص دلچسپي ورتي آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ سائين غلام محمد لاکي صاحب جن جا پڻ ٿورا، جن مفيد مشورا ڏنا. دوست غلام محمد رئيساڻي صاحب مسودن جي پريس ڪاپي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، ان لاءِ سندس احسان ياد رهندا.

اعواڻ محلو، هزاري در
شڪارپور

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# سنڌي شاعر ۽ سنڌن شعر

سيڪنھن قوم جو علم ادب (ساهت) پهريائين پهريائين شعر سان شروع ٿيو آهي. اوائلي حالت ۾ اسان جا جذبا ۽ شعور، صحيح ۽ صاف رهن ٿا. جيئن سُرندي جي تارن کي ٽوري ٿي ڇهڻ سان سرود نڪرندو آهي، تيئن سالم دل تي ٽوري ٿي جَهبي اچڻ سان عظيم اثر ٿئي ٿو. قدرت جي من موهيندڙ نظارن پسڻ ڪري، جا قلب ۾ رِقت ۽ خوشي پيدا ٿئي ٿي، تنهن جي اظهار ڪرڻ لاءِ شعر ئي هڪ مناسب وسيلو آهي. شعر سان گڏ وزن ۽ قافيي جي شموليت ڪري، ان مان دل جي رقص ۽ راڳ جي مدعا پوري ٿئي ٿي. جنهن صورت ۾ دل مان نڪتل سخن دل تي اثر ڪن ٿا، تنهن صورت ۾ شعر، جو پڻ دل جي پيدائش ۽ اندر جي آه آهي، تنهن جو اثر دل تي گهڻو ۽ گهاٽو ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري ئي ابتدائي حالت ۾ شعر، نثر کان اڳ وجود ۾ آيو آهي. شعر جو اصل بنياد مذهب آهي. قدرت جي غيبي طاقتن پر ڊجي، پورڙن ماڻهن انهن جي خاطريءَ ۽ رضامنديءَ لاءِ گيت ڳايا ۽ ڪرم ڪريائون بجا آنديون.

سنڌ ملڪ ۾ قديم الايام کان ماڻهن جي ٻولي سنڌي هئي، جيئن عربي تاريخ نويسيءَ جي ليکڪن مان پڌرو آهي. اصطخري، جنهن پنهنجو ڪتاب "مسالڪ الممالڪ" سن ٣٤٠هه (٩٥٠ع) ڌاري لکيو آهي، سو چوي ٿو ته (ص- ١٧٧) "منصوره ۽ ملتان ۽ انهن جي اردگرد وارن شهرن جي ٻولي عربي ۽ سنڌي آهي." اهڙيءَ طرح مقدسي پنهنجيءَ جاگرافيءَ (لکيل ٣٧٥ هه مطابق ٩٨٥ع) "احسن التقاسيم في معرفت الاقاليم"، ۾ ديبل جو بيان ڪندي لکي ٿو ته (ص - ٤٧٩) اُتي جا رهاڪو گهڻو ڪري واپاري آهن ۽ سنڌن ڪلام سنڌي ۽ عربي آهي. البيروني (٣٦٢ - ٤٤٠هه مطابق ٩٧٣-١٠٤٨ع) پنهنجي مشهور ڪتاب، "تاريخ الهند" (ص-٨٢) ۾ لکي ٿو ته "ڏاڪڻيءَ سنڌ ۾ سمنڊ جي پر وارن شهرن ۾ ملواري ۽ ڪن ڀاڱن ۾ اردِناگري صورتخطي استعمال ۾ ايندي هئي".

هي احوال سنڌ جي عربي فتح کان پوءِ جو آهي، پر ان کان اڳ ۾ ئي عربن سان واپاري ناتن هئڻ ڪري سنڌي ڀاشا ۾ ڪيترائي عربي لفظ گڏجي ويا هئا. آڳي باقي ٧١٢ع کان پوءِ جڏهين سنڌ جي حڪومت عربن جي هٿ

۾ اچي وئي، تڏهين جيئن ايران ۾ پهلوي ڦري پارسي ٿي وئي، تيئن سنڌي صورتخطي بہ ملواريءَ ۽ ارڏناگريءَ مان مٽجي، موجوده عربي شڪل ورتي، جنهن کي هاڻ خبطي مغربي تقليد جي لهري ۾ اچي لاطيني لباس ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. بهرحال سن ٩٣هہ مطابق ٧١٢ع کان وٺي، جنهن ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي، ويندي ٧٧٧هہ مطابق ١٣٧٥ع تائين، جنهن سال ۾ جام تماچي سمو سنڌ جو حاڪم ٿيو، سنڌي شعر جو پتو ڪونہ ٿو پوي. اگرچه يقين سان چئي سگهجي ٿو، تہ انهيءَ ساري عرصي ۾ عام ماڻهو سنڌي بولي ڳالهائيندا هئا. انومان ڪيجي ٿو تہ نثر ۽ نظم پهريائين عربيءَ ۾، پوءِ فارسيءَ ۾ (خصوصاً ارغون ۽ ترخان گهراڻن جي زماني کان وٺي) لکڻ ۾ ايندو هو، ڇاڪاڻ تہ رعيت هميشه پنهنجي حاڪمن جون ئي رسمون ريتون اختيار ڪندي آهي، "الناس عليٰ دين ملوڪهم". سنڌي شعر ڪڏهين شروع ٿيو، تنهن جي پوري خبر نٿي پوي، ڇو تہ زماني جي خُورد بُرد ڪري اڳين جا دفتر اسان جي هٿ ۾ نہ اچي سگهيا آهن، ۽ نڪي ڪي وري غفلت وچان پوين جي ڪارنامن جي سار سنڀار لڌي اٿئون. بهرحال ان جا پرياڻ انين صدي هجريءَ (١٤ صدي عيسويءَ) ۾ پڌرا ٿين ٿا. جام جونا خان* جي ڏينهن ۾ شيخ حماد ولد شيخ رشيد الدين جماليءَ نالي هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي. سنديس خانقاهہ ساموئيءَ جي دامن هينان هئي ۽ اتي ئي دفنيل آهي. سدائين برقعي اندر حجري ۾ گذاريندو هو. سنديس صحبت جا سيڪڙُو بہ حجري ٻاهران ويهي ساڻس رهاڻيون ڪندا هئا، ۽ منجهانس ظاهري توڙي باطني علم جو فيض پرائيندا هئا. سندس مريدن مان تماچيءَ ۽ پٽس صلاح الدين کي وٽس وڏو قرب حاصل هو. جام جونا خان کي اهو اچي خدشو دل تي وينو، تہ متان ڪنهن مهل درويش دعا ڪري، ولايت تماچيءَ ۽ پٽس کي وٺي ڏئي. سو ڳجهت ۾ کين ڪنيي دهليءَ روانو ڪيائين. ان حادثي کان پوءِ تماچيءَ جي ماءُ هر روز صبح جو شيخ جي چائنٺ چمڻ ويندي هئي. ڪنهن ڏينهن شيخ جي نظر هن پوڙهيءَ تي پيئي ۽ ڪانئس پٽس جو احوال پڇيائين. مائيءَ اکين ۾ آب آڻي شيخ کي عرض ڪيو تہ "ڪيئن بہ ڪري ڇُڏايون." سڻندي ئي شيخ تي هڪ عجيب حالت طاري ٿي ۽ جولان ۾ اچي، هڪ سنڌي بيت وڏي واڪي پڙهيائين، جنهن ۾ سندن موٽي اچڻ ۽ ملڪ وٺڻ جو پڻ اشارو ڪيائين**. ڪريم جي قدرت جو انهيءَ ئي رات ۾

---

* جام جوڻو (ت.ج)

** جوڻو مت اوڻو، آءُ تماچي آءُ،
سباجهي ٻاجهہ پيئي، ترسين نتو راءُ. (ت . ج)

سندن بند خلاص ٿيا ....... (تحفة الڪرام ص ١٨٢-١٨٣) جيڪڏهن اها روايت سچي آهي ته انهيءَ بيت جي تاريخ سن ٧٧٧هه مطابق ١٣٧٥ع ۾ مقرر ڪري سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ئي سال ۾ ڄام تماچيءَ ملڪ جي واڳ ورتي. ساڳئي سمي حاڪم جي ڏينهن ۾ ساموئيءَ جو قصو مشهور آهي، جو مون انگلينڊ ۾ برٽن صاحب جي ڪتاب "سنڌ ۽ سندس قومون" تان اُتاريو هو، جنهن جو اختصار، پروفيسر گربخشاڻيءَ واري شاهه جي رسالي، حصي ٽئين ۾ درج ٿيل آهي. (ڏسو ص ٢٧٢-٢٧٣) انهن ستن شهيدن (هفت تنن) جون پيشن گويون، جن کي عام طرح ماموئيءَ يا ساموئيءَ جا بيت ڪري سڏيندا آهن، هن ريت آهن:

**پهريون درويش:**

هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻجندي ٻنڌ اروڙ،
ٻه مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندي سوڪڙي.

**ٻيون درويش:**

وسي وسي آر، ڄڏهين وڃي ڦٽندو،
تڏهن پاروچاڻو پار، پنڄين درمين وڪبو.

**ٽيون درويش:**

ڪاري ڪاپاري، ڇهيڙو لڳندو ڇهه پهر،
مر مڇي ماري، سڪ وسندي سنڌڙي.

**چوٿون درويش:**

مر مڇي ماري، مر مڇيءَ کهڙا پار؟
هيئين ڪاريون پرتيون، مٿن ڪارا وارَ.

**پنجون درويش:**

لڳندي لاڙان، سونڪو ٽيندو سري ۾،
ڄڏهين ڪڏهين سنڌڙي، اوڳاڻا وٺاهه.

**ڇهون درويش:**

نيرا گهوڙا ڏيرا، اتر ڪنئون ايندا،

گھاگھيريون گسن تي، وراهي ويندا.
تهان پوءِ ٽيندا، طبل تاجاٽين جا.

**ستون درويش:**

اچي ويهجا ماڙهئا! ننگر جي آڏار،
پراٽا پرار، نوان مر اڏج نجهرا.

ڏسو برٽن توڙي هيگ صاحب کي "The Indus Delta Country" (ص- ١٢٥-١٢٧). انهن مان ڪيترن بيتن جي صحت ۾ شڪ آهي، پر تنهن هوندي بہ اقرار ڪرڻو ٿو پوي، تہ ڪم از ڪم پهرين، ٻي ۽ ستين پيشنگوئي سچي آهي، ۽ هر هڪ ۾ سما راج جي زواليت ڏي اشارو آهي. جي ائين آهي تہ اهي بيت سڀ کان آڳاٽا آهن. سما خاندان جي پڇاڙي سن ١٥٢٣ع ۾ ٿي، جڏهين شاهہ بيگ ارغون جي مرڻ کان پوءِ ڄام فيروز ڪڇ کان وڏو ڪٽڪ چاڙهي آيو ۽ شاهہ حسين جي هٿان "ڪاري ڪبڙلو" (ڪاري ڪاٻاري) وٽ سخت شڪست کائي گجرات ڏي ڀڄي ويو، جتي ٿي باقي حياتيءَ جا ڏينهڙا سک سان ڪاٽيائين.

شيخ پريو (بريه) ويرداس هڪ وحداني مجذوب ٿي گذريو آهي، جو اصل ۾ برهمڻ هو. هميشه جبلن ۽ وادين ۾ راڳ تنواريندي جهنگلي مِرُن سان گهاريندو هو، ۽ ماڻهن جي ميڙ کان ڇهندڙ هو. آخري ڏينهن ۾ گنجي ٽڪر تي آستانو ڪيائين، جتي ماڻهن جا حشام سنديس زيارت لاءِ ويندا هئا ۽ پڇڻ ڳڇڻ کان سواءِ من مرادون لهندا هئا. حديقة الاولياءِ واري لکيو آهي، تہ" هڪ دفعي جڏهين مان سنديس خدمت ۾ حاضر ٿيس، تڏهن هڪ سنڌي بيت ويني پڙهيائين. دل ۾ آيم تہ اهو بيت الاجي سندس آهي يا ڪنهن ٻئي جو. تنهن تي سواءِ ڪنهن سوال جي، جواب ڏنائين، تہ هيءُ بيت اسحاق آهنگر (لوهار) جو چيل آهي(*). هن درويش ٩٠٣ هہ مطابق ١۴٩٧ع ۾ وفات ڪئي ۽ گنجي ٽڪر جي دامن ۾ پوريل آهي". (ڏسو تحفة الڪرام ص ١٧٩).

اهڙيءَ طرح رائدن** جي شهر ۾ درويش راجو (راجه) هڪ خُوددار

---

(*) هجان مان جهرڪ، ويهان پرينءَ جي سُپَّ تي
ڪَرن مان ڊرڪ، پاجهاري ٻوليءَ ۾. (ت ج)

** شايد راڌڻ (ت - ج)

سيد مست تي گذريو آهي، جو هميشه هتين پيربن اُگهاڙو گهمندو هو، ۽ ڪتي بہ ٽڪاءُ نہ ايندو هوس، ۽ جئن زبان وهندي هيس، تيئن ٿيندو هو. چون ٿا تہ جڏهن ڪو معاملو پيش ايندو هوس، تڏهن انهيءَ ئي هنڌ بيهي مٺي آواز سان سنڌي بيت پڙهندو هو ۽ جيڪي چوندو هو سو ٿيندو هو. سن ٩٧٧هہ مطابق ١٥٦٩ع ۾ وفات ڪيائين. (تحفة الڪرام ص ١٧٩).

مٿين حقيقتن مان پڌرو آهي، تہ سنڌي شعر جي شروعات چوڏهين صدي عيسويءَ جي آخر ۽ پندرهين صديءَ جي اوائل ۾ ٿي آهي، ان کان اڳ جي سنڌي شعر تي ايترو تہ ڏُنڌ چڙهيل آهي، جو نور جو هڪ ترورو بہ نظر نٿو اچي. شاهہ ڪريم جو ڪلام سنڌي شعر جو "وهائو تارو" آهي، ۽ منجهانئس انهيءَ پريات جا پهريان پرتوا پون ٿا، جن جو شمسي شعاع، شاهہ عبداللطيف جي بيتن ۽ ڪافين ۾ ظاهر ٿئي ٿو. شاهہ ڪريم ١٠٣٠هہ مطابق ١٦٢٠ع ۾ چالاڻو ڪيو، ان ڪانپوءِ تقريبن سؤ سالن تائين وري شعر جو ڏَهو ڪونہ ٿو پوي. اوندهہ انڌوڪار آهي. شاهہ عنايت الله صُوفي جهوڪ واري جي شهادت جو سال ١١٣٠هہ آهي. ان بزرگ جا ارشاد ۽ مقولا ضرور شعر جي صورت ۾ هوندا، ۽ جيڪڏهن درگاهہ جي فقيرن وٽ اجا تائين سندس ڪلام موجود آهي، تہ ڪوشش وٺي ڪنو ڪرڻ گهرجي. شاهہ شهيد جو مٿو ڪوڙڻ، ۽ لطيفي لات جو شروع ٿيڻ، چاڪاڻ تہ سچو شعر بہ اهو روحاني ڪرشمو آهي، جنهن جو اثر ڪڏهين نٿو ٽٽي. هڪڙي پُوٺي اجا پوري نٿي ٿئي، تہ ٻي تند تاڻجي ٿي. اهو نظم جو ڌاڳو ڪڏهين ڇڄڻ جو نہ آهي. هڪ مشهور عربي شاعر ابو تمام جو قول آهي:

ولكنه صوب العقول اذا انجلت
سجائب مـنه اعقبت بـسحائب

"پر اهو (يعني شعر) عقلن جو مانو مينهن آهي، جڏهين ان جا ڪي ڪڪر وهي وڃن ٿا، تہ انهن جي پٺيان وري ٻيا پيدا ٿين ٿا."

## شاعرن جا طبقا

سنڌي شاعرن کي چئن طبقن يا دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

١. آڳاٽا، ٢. وچان، ٣. پويان، ۽ ۴. نوان.

## پهريون دور:

اڳين جو دور سن ٧٧٧هه مطابق ١٣٧٥ع کان شروع ٿئي ٿو، ۽ ١١٣٠هه مطابق ١٧١٨ع ۾ ختم ٿئي ٿو. ان ۾ ڪيترا گمنام شاعر ۽ بزرگ جهڙوڪ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ۽ شاهه شهيد جهوڪ وارو ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. انهن کان سواءِ ارغون ۽ ترخان گهراڻن جي ڏينهن ۾ فارسي شاعرن جو چلتو هو. وڏيڪ پَرو ڪونه ٿو پوي ۽ نڪي وري سنڌي شعر سان انهن جو ڪو واسطو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي شعر اول کان وٺي بلڪل علحده اصولن تي چوڻ ۾ آيو آهي. گمنام شاعرن جو ڪلام خير ڪو بچيو آهي. ان مان ساموئيءَ جا مٿي ڏنل بيت عام طرح مشهور آهن. اهي شاعر گلاب جي گلن جيان برپٽ واسي، زماني جي تکي طوفان اڳيان الوپ ٿي ويا. ڪنهن به لکندڙ سندن حيرت ناڪ ۽ ناپيد هستيءَ تي روشني نه وڌي. قرائن مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته سندن ڪلام جو مضمون "دوهرن" يا "ڏوهيڙن" جي شڪل ۾ هو، جن ۾ سياڻپ جون رمزون، پهاڪا ۽ صوفياڻا خيال سمايل هئا، ۽ جيئن ته سنڌي ٻولي ان زماني ۾ ڪتابي ٻولي نه هئي، تيئن اهو قلمبند نه ٿيڻ ڪري رفتي رفتي ماڻهن جي حافظي تان ميسارجي ويو. انهن گمنام وڏاڪن جي سخن جا جهلڪا پهريائين پهريائين شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ نظر اچن ٿا. سندس ارشاد جي موقعي تي چيل سنڌي دوٽُڪا بيت، محمد رضا بن عبدالواسع عرف مير دريائي ٺٽويءَ پنهنجي فارسي ڪتاب "بيان العارفين" ۾ داخل ڪيا آهن، جو هن سن ١٠٣٨هه مطابق ١٦٣٨ع ۾ يعني شاهه ڪريم جي وصال کان اٺ سال پوءِ تصنيف ڪيو. سن ١٢١٠هه مطابق ١٧٩٥ع ۾ عبدالرحمان ولد محمد ملوڪ ڪاٺ ٻانئيڻ، اُن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ مخدوم عبدالصمد بن حاجي محمد مقيم نورنگ پوٽي، ان کي ١٢٩٣هه مطابق ١٨٧٦ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هاڻ اسين هن دور جي شعر جون خصوصيتون بيان ڪري، ان جي تنها نمايندي جي حياتيءَ ۽ ڪلام تي تبصرو ڪنداسين.

(ماهوار "سنڌو" جنوري ١٩٣٤ع)

# سنڌي شاعر ۽ سنڌن شعر

زماني جي گرفتارين ڪري فرصت نه ملي آهي، جو پنهنجي دلخواه مضمون جو سلسلو جاري رکان. ازانسواءِ جن قلمي ڪتابن جي ضرورت هئي، سي به اجا تائين ماڻهن جي تنگدليءَ ڪري نه ملي سگهيا آهن. جيئن ته "بيان العارفين" جي قديم فارسي نسخي جي ڳولا ۾ هوس، پر اهو به هيل تائين هٿ نه آيو آهي. قاضي قاضن جا بيت، جي شاهه عبدالڪريم واري رسالي ۾ موجود آهن، ۽ پهريائين پهريائين مرحوم مرزا قليچ بيگ صاحب ظاهر ڪيا، پر جيتوڻيڪ وٽس مصنف جو هٿ اکر نسخو موجود هو، ۽ پيو به ذخيرو هُڪيو حاضر هوس، تڏهن به ايتري قدر غلطيون ڪيون اٿس، جو صحيح پڙهٽيون، سواءِ ڪن ٿورن بيتن جي معلوم نٿيون ڪري سگهجن. تنهنڪري مرحوم جو ڇاپايل "رساله ڪريمي" بلڪل بيڪار آهي، ڪٿي ڪٿي ته فارسي عبارت به صحيح پڙهڻ نه آئي اٿس، جيئن اسين هيٺ ڏيکاريندا سين. عبدالرحمان ولد محمد ملوڪ ڪاٽ ٻانيڻ واري سنڌي "بيان العارفين" ۾ به ڪاتبن اهڙا هاجا ڪيا آهن، ۽ اهڙي جهالت ڏيکاري اٿن، جو بيتن جي معنيٰ ۽ مطلب جي خبر ئي نٿي پئي، ڇاڪاڻ جو پڙهٽيون بلڪل غلط آهن. خدا ڪري جو بلڙيءَ وارو "بيان العارفين" جو اصلي نسخو، جو پڻ مصنف جو هٿ اکر لکيل آهي، ۽ جو پروفيسر گربخشاڻيءَ وٽان بلڙيءَ جي گادي نشين سيد غلام حيدر شاهه جي خاص ماڻهوءَ وٺي، گم ڪري ڇڏيو آهي، اهو هٿ اچي، ته هوند سڀ سٽائي ٿي پئي، ۽ شاهه عبدالڪريم جي ساري ڪلام کي نئين نموني ۾ پڙهندرن اڳيان پيش ڪجي. مرحوم مرزا قليچ بيگ وارا به نسخا پڻ پهچ کان ٻاهر آهن، سندس فرزند رشيد مرزا افضل بيگ کي بار بار استدعا ڪئي وئي آهي، پر اجا اميد جي مکڙي نه ڪلي آهي. جيڪڏهن مرحوم مرزا صاحب جا پويان به مارگنج وانگر ٿيندا، ته مرحوم جو ڪتب خانو به آخر لنواريءَ جي بزرگن جي ڪتب خاني وانگر ڪُنن جو قوت ٿي ويندو. الله شل چڱي مت ڏئين، جو انهيءَ علم جي فيض کي جاري رکن.

شاهه ڪريم کان اڳ سنڌي شعر تي بلڪل پردو پيل آهي. پر "بيان العارفين" پڙهندي ڏٺم، ته منجهس پيا به ڪيترا فالتو بيت آهن، جن مان

بلفظ اُن تان نقل ڪيو آهي، ۽ ڪنهن قسم جو منجهس اضافو نہ ڪيو آهي. هي صاحب گهڻن قسمن جي علمي فضيلتن سان سينگاريل هو. قرآن مجيد جو حافظ هو ۽ قرآت ۽ تجويد بہ چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو. حديث، تفسير، اصول فقه، تصوف ۽ علم آلات (ڪَلُن ناهڻ جي هنر) ۾ گهڻو عبور هوس. انشاء (لکپڙهہ جي علم) ۾ تہ سندس جوڙ جيس ڪونہ هو، ۽ علم سياق (حسابداني‌ءَ) کان پڻ پليءَ پت واقف هو. ڦوهہ جوانيءَ ۾ سيد محمد جونپوريءَ، جو ميران مهديءَ جي نالي پڌرو آهي، (١) تنهن جي مريدن جي لڙهہ ۾ شامل ٿيو، جنهن ڪري شريعت جا عالم کيس ٽوڪيندا هئا. انهيءَ مان ڏسجي ٿو تہ قاضي قاضن جو تصوف ڏي خيال مريديءَ کان پوءِ ٿيو. سلوڪ جي واديءَ ۾ گهڻيون رياضتون ڪيائين ۽ سير سفر بہ ڏاڍا ڪيائين.

تاريخ ١١ محرم ٩٢٧ ھہ مطابق ٢٣ - ڊسمبر ١٥٢٠ع جو جڏهن شاهہ بيگ ارغون ٺٽي جي ويجهو درياهہ پار لنگهي، ڄام فيروز جي لشڪر کي شڪست ڏني، جو دريا خان جي سرڪردگيءَ هيٺ هو، تڏهن شاهہ بيگ لاڳيتو ويهين تاريخ تائين ٺٽي ۾ عام ڦُر جو حڪم ڏنو. ڪيترن ماڻهن جو اهل عيال پڪڙيو ويو ۽ پڻ ڄام فيروز جا ٻار شهر اندر رهجي ويا. جڏهن شاهہ بيگ کي خبر پئي، تڏهن ڪن چڱن مڙسن کي ڏياري موڪليائين تہ ڄام فيروز جي حويليءَ تي پهرو ڏين ۽ ان جي حرم جي حرمت ۽ عصمت بچائين. آخر اهو غضب جو طوفان قاضي قاضن جي طفيلي اجهاڻو.

قاضي صاحب جو عيال پڻ باند ڪيو ويو هو، سو حيران ۽ سرگردان ٿي، ٺٽي جي گهٽين ۾ پنهنجي گم ٿيل پيارن کي پئي ڳوليائين، هڪڙو خط جنهن ۾ ماڻهن جي تباهيءَ جو درد انگيز احوال درج ڪيو هئائين، حافظ محمد شريف جي هٿان شاهہ بيگ جي خدمت ۾ موڪليائين. ان جي پڙهڻ ڪري شاهہ بيگ جي دل تي سخت اثر ٿيو ۽ پڙهو گهمراياٿين تہ ڪوبہ سپاهي ٺٽي جي ماڻهن جي مال ۽ اولاد کي هٿ نہ لائي ۽ پنهنجي ٻٽيءَ مان

---

(١) سيد جونپوري ولد مير عبدالله خان بنارس جي پرسان جونپور ۾ ٨٤٧ھہ (١٤٤٣ع) ڌاري ڄائو هو. شيخ دانيال سهروردي‌ءَ جو مريد هو. ستن ورهين جي ڄمار ۾ سارو قرآن ڪريم ياد ڪيائين ۽ ٻارهن ورهين اندر سيني علم حاصل ڪري "سيد العلماء" جو لقب حاصل ڪيائين. اهڙو ناميارو ٿيو، جو ماڻهو کيس "مهدي موعود" سڏڻ لڳا. مکي شريف کان حج ڪندي گجرات ۾ آيو، جتي ڪئين ماڻهو سندس مريد ٿيا، جي ساري هندوستان ۾ پکڙجي پيا ۽ سچي اسلام ڏي ماڻهن کي سڏڻ لڳا، پر اهل تقليد وارن عالمن مٿس ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون. ڄام نظام الدين جي آخري سالن ۾ (٩١٠ھہ کان ٿورو اڳي) سنڌ ۾ وارد ٿيو، جتي پڻ سندنس ڪرامتون ڏسي گهڻائي ماڻهو سندس مريد ٿيا ۽ فيض تي پهتا. قنڌار ڏي ويندي وات تي رح جي شهر ۾ (٩١٠ھہ مطابق ١٥٠٣ع) وفات ڪيائين ۽ مزار ۾ دفن ٿيل آهي. (تحفة الڪرام، جلد ٢. ص ٢٢).

هڪڙو تير ڪڍي قاضي قاضن کي ڏنائين، ۽ حڪم ڪيائين ته جنهن به ماڻهوءَ ڏانهن قاضي صاحب اشارو ڪري، سو ڪيس سپرد ڪيو وڃي. (تاريخ معصومي - ص ٨٢ ب - ٨٣ الف).

هن واقعي بعد گويا قاضي قاضن جو شاه بيگ سان گهاٽو رستو ٿي ويو ۽ اڪثر موقعن مهل جڏهن شاه بيگ کي مڪاني ڳالهين بابت صلاح مصلحت ڪرڻي پوندي هئي، تڏهن قاضي قاضن کي گهرائيندو هو.

ڄام فيروز جي پيش پوڻ بعد دريا خان جا پٽ محمود خان ۽ مٺڻ خان مخالفت جي ڪمر ٻڌي بيهي رهيا ۽ سارنگ خان ۽ رتمل سوڍي جي مدد سان سهتن ۽ سوڍن جو لشڪر گڏ ڪري ظاهر ڪيائون ته مُني مارائي کان سواءِ ڪين مڙنداسون. شاه بيگ ارغون سيوهڻ هٿ ڪرڻ بعد قاضي قاضن کي ڏانهُن موڪليو ته ڪين آڻ مڃڻ جي نصيحت ڏئي، پر انهن قاضيءَ کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏنو (ص ١٨٤ الف - ب). سيوهڻ جي قلعي جي مرمت ڪرائڻ وقت به قاضي قاضن منزل تي حاضر هو ۽ انعام اڪرام لڌائين (ص ٨٨ الف). تنهن کان پوءِ شاه بيگ سان گڏجي بکر ويو، جتي ڏاريجن بنسبت ڪانئس صلاح پڇي وئي. قاضي قاضن عرض ڪيو ته "هيءَ زمين سيلابي آهي، ۽ منجهس ڪانڊيرا گهڻا ڄمن ٿا، ڪانڊيرن ڪپڻ لاءِ هميشه ڪوڏر گهرجي." شاه بيگ اهو ٻڌي جيڪي به ڏاريجا سردارَ بکر ۾ موجود هئا، تن کي هڪدم قتل ڪرائي ڇڏيو (ص ٨٩ ب).

شاه بيگ ارغون جي وفات (٢٢- شعبان ٩٢٨هه مطابق ١٨ جولاءِ ١٥٢٢ع) کان پوءِ مرزا شاه حسن، قاضي قاضن کي بکر جو قاضي مقرر ڪيو ۽ اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائين. اٽڪل ويهارو ورهيه انهيءَ قضا جي منصب تي رهيو. جيڪي به شرعي فيصلا وٽس رجوع ٿيندا هئا، سي ڪمال احتياط، امانت ۽ ديانتداريءَ سان نبيريندو هو. شايد ٩٤٧هه ڌاري قاضپي کان پيريءَ ڪري استعيفا ڏنائين ۽ اها جاءِ سنديس ياءُ قاضي نصرالله کي ملي (ص ١٥ ب، ١٥١ الف). پڇاڙيءَ جا سال مديني منور ۾ گذاريائين، جتي سنڌ جا به مشهور عالم قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم رائوتي ۽ شيخ عبدالله متقي ابن مولانا سعد دربيلوي سندس هم صحبتي هئا. سن ٩٥٨هه (١٥٥١ع) ۾ وفات ڪيائين. جيئن مٿي چيو ويو آهي ته قاضي قاضن جو تصوف ڏي لاڙو ميران مهديءَ جي ارادتمنديءَ کان پوءِ ٿيو، پر هيٺئين بيت مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندس دل جي دري انهيءَ کان به اڳي روحانيت جي طرف کليل هئي. بيان العارفين واري شاه ڪريم جي واتان

"درياءَ لت ڏيئي هيٺين مٿاهين زمين ٻوري ڇڏي، يڪي لس ٿي وئي ۽ سڀ طرف (جهت) ميٽجي ويا" . جنهن دريا جي اٿل ۾ دڪيون دڙيون ۽ کڏون کوٻا پرجي هڪ درياهه ٿي پوندا آهن، ۽ ڪنهن طرف جو سماءُ نه پوندو آهي، تيئن وحدت جي درياهه ۾ ڪثرت جون ڪايائون ڪالعدم ٿي وحدت ۾ مسمار ٿي ويون. انفراديءَ هستيءَ جو سنڌو نه رهيو، يڪايڪ وحدت جو مهراڻ موجون هڻڻ لڳو. انسان جڏهين اکيون ۽ ڪن ٻوٽي، حواسن جا دروازا بند ٿو ڪري، تڏهن روحاني عالم جو ديدار پسي ٿو ۽ سندس روح ملڪوت جي جهان جو سير ڪري ٿو. ننڊ ۾ ته حواس هيڪاري بيڪار ٿين ٿا، ۽ دنيا ۽ ماسوا جو خيال نٿو رهي، تڏهن حقيقي محبوب انسان جي دل ۾ ديرو ڪري ٿو. ٻر جي هڪوار اکيون کليون ۽ جسماني عالم جي سار ٿي، ته اهو محبوب گم ٿيو وڃي، پوءِ ڪيتريون به هٿراڙيون پاءِ ۽ واجهه وجهه، ته اهو هٿ نه ايندو، تصور جي حالت ئي آهي، جو ذات پاڪ جو پرتوو دل تي پوي ٿو.

٧. سجڻ منجهه هُئام، مون اُٿي ويا اوٺيا،
هيڏانه هوڏانه هٿڙا، هينئڙي جاڙ وڏام.

افسوس جو زماني جي خوردبرد هن اعليٰ هستيءَ جي ڪلام جا جوهر اسان جي نظر کان ڇُپائي ڇڏيا. فقط ڪَتيءَ جي تارن وانگر جي ست موتي داڻا موجود آهن، جي سنڌڙيءَ مائيءَ جي سُهٹيءَ ڳچيءَ ۾ سونهن ٿا. جيڪڏهن وڌيڪ ڪلام موجود هجي ها، ته هن بزرگ جي هستيءَ جو سين طرزان ڪان اپياس ڪجي ها. اهو به جس آهي شاهه ڪريم کي. جو پنهنجي مقولن سان گڏ قاضي قاضن جي قولن کي به برقرار رکيو اٿس، نه ته اهي ست ئي بيت به گم ٿي وڃن ها.

(ماهوار "سنڌو" سيپٽمبر ١٩٣٤ع)

*

# سنڌي شاعري

علم ادب بہ هڪ عمدو فن آهي. جيئن لطيف فنن حاصل ڪرڻ لاءِ تجربو، مهارت ۽ ڪوشش جي ضرورت آهي، تئن علم ادب ۾ مهارت ۽ تجربو سخت درڪار آهن. نثر نويسي، شاعري ۽ مصوري بہ لطيف فن آهن، جي وهبي بہ آهن ۽ ڪسبي بہ آهن. بيشڪ ڪن فردن کي خدائي ذات مليل هجي يا چاپندي چاهر هجن، پر ڪوبہ ماءُ پيٽان هنر يا فن وٺي ڪونہ آيو آهي، تربيت ۽ ماحول جو اثر هر ڪنهن هنر يا فن تي ضرور رهيو آهي. رڳو وهب يا ڪسب ڪنهن ڪم جو ناهي. جيستائين ٻنهي قوتن جو پورو ميلاپ نہ ٿيو آهي، تيستائين ڪوبہ اديب يا شاعر يا مصور يا فنان ڪماليت جي درجي کي پهچي نہ ٿو سگهي. اُنهن سان گڏ متواتر اورچ ڪوشش بہ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ فن۾ پير ڌري پوءِ ان کي ڇڏي ڏبو تہ اهو اڌورو ۽ ناقص رهجي ويندو. ازانسواءِ هڪ ڪان وڌيڪ فن ۾ ڪماليت ورلي حاصل ٿي سگهندي، اهڙا متفنن ۽ ڪامل انسان دنيا ۾ شاذ ۽ نادر آهن. هر هڪ کي پنهنجي دائري اندر ڪنهن خاص ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن سيڪو هر فن موليٰ هجي ها تہ قدرت جو ڪارخانو ٺپ ٿي پوي ها ۽ ڪائنات ۾ بي بندوبستي ۽ بي انتظامي ڇانئجي وڃي ها. مثلاً هڪ اعليٰ درجي جو نثر نويس اديب مشڪل سان انتهائي درجي جو شاعر ٿي سگهي ٿو يا ان جي ابتڙ.

"هر ڪسي را بهر ڪارِ ساختند"

علم ادب بہ هڪ وهبي ۽ ڪسبي ذات آهي، سيڪو سڌڙيو لئيءِ مان لٺ پيچي اديب يا شاعر ٿي نٿو سگهي. هڪ شاعر يا اديب کي پنهنجي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ان جي ڪمال ۽ توڙ کي پهچڻ لاءِ سخت جهد پٽڻا پون ٿا. هڪ وهبي شيءِ ائين آهي، جيئن ڪو ٻيلو بنا چراگاھ، جنهن ۾ وڻ ٽڻ، ٻوٽا ۽ گل ڦل سواءِ ڪنهن ترتيب يا نظام جي ٽڙيا پکڙيا پيا هجن. اگرچ انهن کي بہ پنهنجو حسن ۽ جمال آهي ۽ انهيءَ بي انتظاميءَ ۾ بہ نظام آهي. پر جڏهن انسان جو هنرمند هٿ انهن کي خاص ترتيب ڏيئي بيهاري ٿو، تڏهن انهن جو جلوو ۽ جمال ويتر وڌيڪ ٿئي ٿو. هڪ ٻاٽيءَ ۾ وهندڙ ڪسي، جبل تان جرڪندي، گهِرڪندي، ور وراڪا ڪائيندي، نهايت

خوشنما ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر جڏهن اها ڪنهن مرغزار ۽ گلستان مان لنگهي ٿي، تڏهن سندس زيب ۽ زينت دوبالا ٿيو پوي. هڪ فطرتي شاعر يا اوائلي اديب جي ڪم کي ڏسندا، جنهن کي زماني جي مروڙ ۽ اڳين جي تجربي زياده آگاهه ۽ پختو ڪيو آهي، ته زمين ۽ آسمان جو فرق معلوم ٿيندو. وهب لاءِ ڪسب ائين آهي جيئن سوني تي سهاڳ.

انهيءَ مان ثابت ٿيو ته هر ڪنهن هنر يا فن لاءِ تربيت وٺڻ ۽ هڪ استاد جي نظر ۽ رهبريءَ هيٺ ڪم ڪرڻ ۽ ڪيڙجڻ بلڪل واجب سمجهيو ويندو. جيڪڏهن ڪنهن نوجوان ۾ شاعريءَ يا مصوريءَ جو رجحان يا استعداد پاتو ويندو هو ته ان کي اهڙي قسم جي تعليم لاءِ اتاليق ۽ استاد جي ضرورت پوندي هئي. انڻ گهڙيءَ ڪاٺ کي سنواري سڌو ڪرڻ، هڪ لازمي امر آهي. نظامي عروضي سمرقندي پنهنجي ”چهارمقاله“ ۾ هڪ اديب يا شاعر جون خصوصيتون ڄاڻايون آهن. لکي ٿو ته هڪ هونهارشاعر لاءِ ضروري آهي ته سيني متقدم، متوسط ۽ متاخر شاعرن جا ديوان پڙهي ۽ پڻ ڪيترا هزار شعر ازبر ياد ڪري، تان جو هن جو مَلڪو پختو ٿئي، اُن سواءِ بيون به ڪيتريون رصفون بيان ڪيون اٿس. ان جو ماحصل هيءُ آهي ته قديم ۽ حديث تي حاوي ٿي، پنهنجي فن ۾ اصليت ۽ عبقريت پيدا ڪري ۽ اڳين جو نقال يا مقلد نه ٿئي. شعر ۾ جيڪي خيال سمايل آهن، سي اوائل کان وٺي ساڳيائي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته ان جا سرچشما، جي انساني عواطف سان وابسته آهن، سي گهٽو ڪري انڻ ڦرندڙ آهن. اگرچ انهن ۾ زمان ۽ مڪان جي اختلاف ڪري مناسب تبديل ۽ تغير ضرور اچي ٿو، تنهن ڪري هڪ شاعر لاءِ لازم آهي ته جيڪڏهن ڪنهن متقدم شاعر جو خيال وٺي ته ان کي هڪ نئين سانچي ۾ پلٽي علحده صورت بخشي ۽ ان ۾ لفظي ۽ معنوي جدت پيدا ڪري، جيڪڏهن ائين نه ڪيائين ته سندس شاعريءَ کي ڪابه ترقي حاصل نه ٿيندي ۽ ڪوريءَ وانگر ساڳئي تر تي پيو شعر جي تاڻي اُڻندو. الحمد الله!

اسان جي هاڃهاريءَ سنڌ ۾ شاعرن ۽ اديبن جي ڪمي ڪانهي، پر انهن ۾ نوعيت ۽ جدت جي قلت بيشڪ آهي. انهن جي تربيت لاءِ ڪو خاص مڪتب نه آهي. سيڪو لڪير جو فقير بنجي، پنهنجي نموني هلي رهيو آهي. اڪثر فارسي ۽ اردو شعر جي نقاليءَ ۾ محو آهن. انهن جو شعر اهڙو آهي، جو هڪ ٿورو پڙهيل آدمي ته سندن ڪلام سمجهي نه سگهندو. بلڪ سنڌي ست درجا پڙهيل يا مئٽرڪ پاس ٿيل به مُنجهي پوندو. صاف سنڌيءَ ۾ زير

اضافت آهيئي ڪانه. موجوده اديب ۽ شاعر زير اضافت جو ايتريقدر استعمال ڪن ٿا، جو فارسيدان ئي پڙهي سگهندا. موجوده شاعرن مان مشڪل ڪي ٿورا هوندا، جن شاهه جو رسالو يا سچل جو ڪلام يا اڳين اديبن ۽ شاعرن جي سنڌي پڙهي هوندي. پوءِ انهن کي صاف صاف سنڌي شعر گوئيءَ ۾ ڪيئن درڪ حاصل ٿيندو؟ تنهنڪري طبعاً ڪين اردو شاعريءَ جي تقليد ڪرڻي پوي ٿي. انهيءَ سببان سندن ڪتابت ۽ ڪلام اصلي سنڌي صورت ڇڏي هڪ عجيب شڪل اختيار ڪري رهيا آهن. ڪانءُ وانگي مورن جي اهل ڪندي، ڪانئن پنهنجي اصلوڪي رفتار ۽ گفتار وسري وئي آهي ۽ ديده دانسته مشڪل پ سندي اختيار ڪئي اٿن.

اڳين اديبن ۽شاعرن جي نثر ۽ نظم ۾ ڏسبو ته زير اضافت ورلي ڪم آندي اٿن. حتيٰ ڪ خليفه گل محمد جهڙي شاعر ب پنهنجي ڪلام ۾ زير اضافت جو خير ڪو استعمال ڪيو آهي. باقي آخوند محمد قاسم جو شعر، سو فارسي ترڪيبن سان پريو پيو آهي. گلِ خندان جو مؤلف آخوند لطف الله ته انهيءَ ڳالهه ۾ اعتدال جو ليڪو لنگهي ويو آهي. نثر ۾ اگرچ اضافت جو ايترو استعمال نه آهي، پر شعر ۾ هائي ڪري ڇڏي اٿس. مثال طور:

عاشقن کي ٿي ازل کان هيءَ پريشاني نصيب،
نوڪِ خارِ دشتِ محنت پاي عرياني نصيب.

ڪمال ذوقِ سخن جي ۽ مغز معنيٰ لاءِ،
نه هوم فخرِ رسا ۽ هيم نه طبعِ روان،
مگر بخاطرِ احباب ونزهت دلها،
لکيم هي قصهءِ مطبوع بادلِ شادان.

مان ادب سان پڇان ٿو ته هي ڪيڙ بڪيڙو ڪهڙو سنڌي سمجهندو؟. مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو نثر ب زير اضافت کان عاري آهي، اگرچ شعر ۾ جستہ جستہ انهيءَ مرض جو مشاهدو ٿئي ٿو. موجوده اديبن ۽ شاعرن جونثر ۽ نظم ته زير اضافت ۽ بين فارسي ترڪيبن سان ٿمتار آهي ۽ پنهنجي بار ۾ پيو ڇڄي.

منجهانئس سنڌيت جي بوءِ اصل نڪري ويئي آهي. خصوصاً غزل سرائي ۽ مخمس مسدس ۽ مستزاد ۾ سو سنڌيءَ جي مٽي پليت ڪئي وئي

آهي. طرحي شعر ته بنهه سنڌي ڪلام تي هڪ بدنما داغ آهي. مثال طور وٺو هالا ڪانفرنس يا جيڪب آباد ڪانفرنس جي طرحي مصرع، عزيزو! اوهين ايمان جي سلامتي سان ٻڌايو ته ڪهڙو ديهاتي ماڻهو انهيءَ جو مطلب پروڙي سگهندو. سنڌ جي موجود ۽ هتي حاضر شاعرن ڪي ڇڏي مان ليکراج "عزيز" جي شعر مان هڪ ٽڪرو پيش ڪريان ٿو:

اي زمينِ سنڌ جنت آشيان،
سيل انجمَ ٿي سنڌ، ريگ روان.

هو جهان ۾ شاعرن جو بادشاه،
آسمانِ علم جو تابنده ماه.

ٻُولي جنهن کي ساري عالمَ جي نگاهه،
آه ! دنيا ۾ نه اج سو شاهه آهه.

شوخيءِ خونِ شفق مضمون آ،
مطلعِ چرخ برين پر خون آ.

انقلابِ گنبذِ گردو دون آ،
آسمانَ زيرِ زمين مدفون آه. (وغيره وغيره).

زمين سنڌ ۾، سنڌ مضاف الي آهي، جو غلط نموني ۾ ڪم آيل آهي. "ڏڙ ربيو، سسي باڪري!" اهڙا مثال اڪيچار آهن. "هيءَ مٺ هزار جو نمونو آهي." صاحبو! منهنجو غرض شخصي سٽيند يا نُڪته چيني ناهي، بلڪ منهنجي مراد آهي ته اصلاح ٿئي. منهنجو مقصد آهي ته اسان جا اديب ۽ شاعر اجائي نقالي ڇڏي صحيح ادبي ذوق ڌارين ۽ پنهنجا خيال صاف سنڌيءَ ۾ ادا ڪن، جيئن انهن کي عوام وٽ پسنديدگي ۽ مقبوليت حاصل ٿئي.

مان شاعر نه آهيان، پر بعضي بعضي از غيبي توارد ٿيندو اٿم ۽ ڪجهه نه ڪجهه شعر چئي وجهندو آهيان. تازو پنهنجي هڪ پياري دوست ڏي پنهنجو هڪ سادو شعر ڏياري موڪليم. بيشڪ ان ۾ عروضي چُڪون گهٽيون ئي هيون، پر وڏو عيب اُن ۾ اِهو هو، جو اهو تمام سادو ۽ عام فهم هو. منهنجي محترم دوست مون ڏي لکيو ته اهو شعر تمام سادو آهي ۽ هينئر سنڌي شعر ايڏي اوج ۽ ڪمال کي پهتو آهي، جو اهڙي شعر کي شايع

ڪرڻ گويا شعر جي بيعزتي ٿيندي. عزيزوا هيءُ آهي موجوده شا جو هڪ مثال. مون کي معاف ڪندا، جو مان پنهنجي عزيز دوست سان شامل نه آهيان. منهنجي نظر ۾ سنڌي شعر عروج جي بدران تنزلي واٽ وٺي رهيو آهي. ان مان سادگي ۽ سنجيدگي صفا نڪري وئي آهي، رڳو تڪبندي ۽ نقالي تي ٻڌل آهي. شاعراڻا خيال فطري نموني ۾ ادا نٿا ڪيا وڃن، پر انهن کي ڌاريو لباس پهرائي پنهنجي اصل کان ڌار ڪيو وڃي ٿو. اسان جي شاعر جو ذوق نسورو اردو شاعريءَ جي نقالي ۽ تقليد آهي. آيا اسين ايتريقدر عاجز ٿي ويا آهيون، جو اسين پنهنجي اندر جا اُمنگ پنهنجي ٻاجهاريءَ ٻوليءَ ۾ ادا نٿا ڪري سگهون؟ اها ٻولي جا اسان جي بزرگن جي گود ۾ پلي ۽ وڌي وڻ ٿي ۽ اهڙا شگوفا ۽ گل ڪديائين، جو انهن جو واس اڃا به ڌيل دماغن کي دڳي ڏيئي رهيو آهي. بيشڪ ٻوليءَ کي ترقي وٺائجي، ان ۾ نون نون خيالن جو اظهار ڪجي، نون نون سانچن ۾ شعر کي پلٽجي ۽ ان کي تونگر ۽ مالامال بڻائجي؛ پر ان جي معنيٰ اها نه آهي ته ان جي صورت اسخ مسخ ڪري ڇڏجي، جو ان جا فرزند به ڪيس سڃاڻي نه سگهن!.

هاڻي سوال آهي ته صحيح ادبي ذوق ۽ سيلقو ڪيئن پيدا ڪجي؟ ان جي لاءِ ونگڙيون واٽون اختيار ڪرڻ ضرور ناهن. پڌري پٽ شاهراه لڳي پيئي آهي، پر اسين خواه مخواه وارن ۾ وراڪا ڪري رهيا آهيون. سنئون رستو نه هيءُ آهي ته شعر جي ميدان ۾ اسين اڳين جي اڳواڻي قبول ڪريون ۽ نثر جي نيستان ۾ ڪن جيد نثر نويسن جي تتبع ڪريون، جي اضافت جي آزار کان آزاد آهن. شعر جو ميدان ته نهايت ڪشادو آهي. اڳين اسان لاءِ اڳيئي رستوگهڙي صاف ڪري ڇڏيو آهي. سنڌيءَ کي سنواري، سينگاري، اهڙو مسودو بنايو اٿس، جو ان ۾ هر قسم جا پاڪيزا خيال ادا ڪري سگهبا. مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته اسان مان گهڻا آهن، جن شاه جو سچو رسالو پڙهيو هوندو يا سچل سرمست جي ڪلام جو مطالع ڪيو هوندو، يا شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ ۽ ميين عيسيٰ جي سنڌيءَ جو سواد ورتو هوندو؟ بهتر آهي ته اسان جا جوان، جن جي نازڪ طبع نثر ۽ نظم ڏي مائل آهي، سي پهريائين انهن ماڻڪن ڏانهن منهن ڪن ۽ انهن جي جلوي ۽ جوت منجهان ڪجهه اُهاءُ وٺن. برٽن صاحب ڪهڙو نه خوب چيو آهي ته "سنڌ جي پرڳڻي جو نظمي ادب، باطراوت، ورجيسن سان پريل، طبعزاد، جڳهو، لفظن ۽ عبارتن ۾ گوناگون ۽ ساڳئي وقت سادو ۽ فطرتي آهي."

افسوس جو انگريزي تعليم جي سرشتي هيٺ لکندڙ اديب زياده

تصنع کي لڳي ويا آهن ۽ ٻين عالمائين ٻولين جي تقليد ڪرڻ ۽ انهن مان خيال اڌارا وٺڻ لڳا آهن، انهيءَ ڪري شايد سنڌي نثر کي تقويت پهچي، باقي شعر کي سو اهڙي قسم جي اهل ضرور زيان رسائيندي“.

صاحبو! منهنجي وس آهي پيغام پهچائڻ، ادب جون واڳون اوهان جي هٿن ۾ آهن، چاهي ان کي اسفل السافلين ڏي گهلي وڃو. سنڌيءَ جا سمجهدار سپوت ضرور ڪنهن ڏينهن اوهان کان ان جو جائزو وٺندا.

مرادِ ما نصيحت بود گفتيم.

(خطبه ١٣- سنڌي ادبي ڪانفرنس - جيڪب آباد).

○

# قاضي قاضن جا همعصر

قاضي قاضن سنڌ جي چئن حاڪمن جا راڄ ڏٺا: (١) ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو، (٨٦٦- ٩١٤هـ)، (٢) ڄام فيروز (٩١٤- ٩٢٨هـ)، (٣) شاهه بيگ ارغون (٩٢٧- ٩٢٨) ۽ (٤) شاهه حسين ارغون (٩٢٨- ٩٦٢هـ). سن ٩٠٩هـ ڌاري جڏهن سيد ميران مهدي سنڌ ۾ آيو، تڏهن قاضي قاضن ايتريءَ عمر جو هو، جو سنڌيس علمي تحصيل جو عالمن ۽ فاضلن ۾ چڱو ڏاڪو هو، جنهن ڪري ئي ظاهري علماءَ مٿس ميران مهديءَ جي مريدن ۾ داخل ٿيڻ تي روڪ ٽوڪ ڪندا هئا. ڄام نظام الدين اٽڪل ٥٠ ورهيه حڪومت ڪئي، ۽ اهو سارو عرصو ملڪ ۾ ايتري قدر آرام ۽ امن امان هو، جو ڄام کي ٻاهرين حاڪمن سان لڙائيءَ ڪرڻ جو سبب ڪونه مليو. رعيت سکي ۽ آسودي هئي، ۽ عالم، صالح ۽ فقير نهايت فراغت سان وقت گذاريندا هئا. سيڪنهن هفتي ڄام پنهنجي ڪُڙهه ڏانهن ويندو هو، ۽ گهوڙن جي پيشانيءَ تي هٿ گهمائي چوندو هو ته "اي بختاورو! مان نه ٿو چاهيان ته جهاد کان سواءِ اوهان تي سواري ٿئي. چئني طرفين مسلمان حاڪم آهن، دعا ڪريو ته شل ڪنهن شرعي سبب بنا ڪيڏي چڙهائي نه ڪريان، ۽ نه ڪي ڪو هتي ئي اچي، متان بي گناهه مسلمانن جو مفت خون هارجي، ۽ الله پاڪ وٽ شرمسار ٿيان." پڙهيلن جو وٽس ايترو مانُ هو، جو پري پري جا عالم سنڌيس سخا ۽ فياضيءَ جي هاڪ ٻڌي سنڌ ۾ آيا. جئن ته مشهور فيلسوف ۽ مصنف عربيءَ ۽ فارسيءَ جي ماهر، "اخلاق جلالي" جي رچيندڙ مولانا جلال الدين محمد بن اسعدالدواني شيراز ڇڏي، سنڌ ۾ سڪونت ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو. انهيءَ نيت سان پنهنجي برجسته شاگردن مير شمس الدين ۽ مير معين کي ٺٽي موڪليائين. ڄام نظام الدين سندن لاءِ هڪ لائق جاءِ مقرر ڪئي، ۽ پڻ گذران جا اسباب موجود ڪري ڇڏيا، ۽ هڪ خاصي رقم واٽ جي خرچ لاءِ ڏياري موڪليائين. پر نياپي نيندڙن جي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي علامه دواني آخرت ڏي راهي ٿيو (٩٠٧ يا ٩٠٨هـ). مير شمس الدين ۽ مير معين کي جو ڄام نظام الدين جي صحبت وٽي ويئي هئي، سو موٽي اچي ٺٽي ۾ رهڻ لڳا.

ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ ايران جو ملڪ، صفوي خاندان جي قبضي ۾ آيو. انهيءَ گهراڻي جو باني شاهه اسمعيل صفوي هو، جنهن ١٣

ورهين جي ڪڇيءَ ڇمار ۾ ٩٠٥ هجريءَ ڌاري تبريز جو شهر هٿ ڪري بادشاهي ڇٽ پهريو، ۽ انهيءَ ئي وقت کان وٺي شيعي مذهب کي قومي مذهب بنائڻ ۽ ٻين مذهبن جي پاڙ پٽڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. وڏو ظالم، قهار ۽ خون پياڪ بادشاهه هو. ڌاڙيون زبردستيون ۽ ارڏايون ڪيائين. جن ماڻهن سندس فرمان نه مڃيو ۽ شيعي مذهب ۾ داخل نه ٿيا، تن کي طرح طرح جا عذاب ڏيئي مارايائين. سُنين سان ته خاص وير هوس. نه رڳو عالمن ۽ فقيهن سان ڪلور ڪيائين، پر شاعرن کي به ڪين ڇڏيائين. سن ٩١٦هه ماه رمضان ( ڊسمبر ١٥١٠ع) ۾ هرات جي شيخ الاسلام فريد الدين احمد تفتازانيءَ کي (جو علامه سعد الدين تفتازاني صاحب "مطول" واري جو پوٽو هو، جنهن شيخ الاسلاميءَ جي مسند سڃا سارا ٽيهه سال ماڻي هئي) قتل ڪرايائين، انهيءَ تان جو هن پنهنجو مذهب مٽائڻ نه گهريو. سڀ سڃا عالم جن کي پنهنجو دين، پنهنجي جان، مال ۽ عزت کان وڌيڪ پيارو هو، سي ديس ڇڏي پرديسي ٿيا. انهن اڪابرن مان هڪ مولانا عبدالعزيز هروي ابهري هو، جو دين جي عصمت خاطر پنهنجي ٻن لائق فرزندن مولانا اثيرالدين ۽ مولانا يارمحمد (جي پڻ فضل ۽ ڪمال ۾ هيڪاندا هئا) سان گڏجي، ٩١٨هه ڌاري سنڌ ۾ لڏي آيو، ۽ اچي 'ڪاهان' جي ڳوٺ ۾ اقامت ڪيائين. گهڻن سنڌي طالبن وٽانئن فيض پرايو. سنڌ ۾ علم معقول (يعني فلسفي، منطق، هندسه، هيئت وغيره) جو پايو اُنهن ٽن بزرگن جي طفيلي پيو. وقت جا حاڪم ڪين گهڻي عزت ڏيندا هئا ۽ سندن راضپو رکندا هئا.

انهيءَ زماني جو خيال ٿو ڪجي ته سنڌ جو ملڪ نهايت سائو ۽ آباد هو. مخدوم جعفر بوبڪائي، ميرزا عيسيٰ خان ترخان (وفات ٩٧٤هه) جي واتان ڳالهه ٿو ڪري ته سنه ٩٢١هه ۾ جڏهن شاهه بيگ ارغون ڪاهان ۽ باغبان تي ڪاهه ڪئي، تڏهن هڪ هزار اُٺ رات جو باغن ۾ وهندڙ لشڪر جي هٿ آيا. ٻين شين جو انهيءَ مان اندازو ڪرڻ گهرجي. علم جو چرچو هرهنڌ هو. ڇپي ڇپي تي مڪتب هئا، جتان علم جي واٽ ۾ اڃايل پانڌيئڙو علم جي چشمي مان خوب سُرڪيون پريندا هئا. انهيءَ وقت جا عالم هاڻوڪن وَجَهي مُلن وانگر طمعي ڪونه هوندا هئا، جو پنهنجي حجري کان ٻاهر نه نڪرندا هئا. علم کي ٽڪي پئسي تي نه وڪڻندا هئا، ۽ جيڪي ڪندا هئا، سو في سبيل الله. قناعتي ته هڪڙا ئي هوندا هئا، فقر ۽ فاقا سهندا هئا، پر خلق اڳيان هٿ نه ٽنگيندا هئا. ڏني ڏڪوئبا هئا، اڻ ڏني راضي ٿيندا هئا. پنهنجو بني ٻارو هوندو هونِ ته اهو پوکي اُن مان قوت

لايموت حاصل ڪندا هئا. جي عالم اهڙا هئا تہ طالب العلم بہ اهڙائي سدورا ۽ سڀاڄها هئا. پڇي پاٺيءَ تي استادن جي در تي پيا هوندا هئا. ماني ملي نہ ملڻ جهڙي، سدائين سنرا رهندا هئا. فقر جو ڍوڍو ۽ پٽُ، انهن لاءِ ڪافي هوندو هو. سَلوٽن ۽ سٽيپن ڪاڄن ڪان ونءُ ويندا هئا. صبح جو رُڪا ٽُڪرَ سيڪي شڪمُ پليندا هئا. هاءِ! اُهي ٽڪر ڪهڙا نہ سوادي ۽ مٺا آهن! هن مسڪين بہ اُهي سڪا جُوار جا تانڊن تي سيڪيل ٽُڪرَ چٻاڙيا آهن. ڪهڙو نہ منجهن لطف ۽ مزو! طالب لاءِ اُهي اٽيا ۽ ٽوٽ ٽُڪرَ اڪسير آهن. سندس ذهن ۽ ذڪاءَ ڪي وڌائين ٿا. هاٺوڪا مال مليدا سمجهہ ڪي اُنڌو ۽ قلندر ڪي قارون ڪن ٿا. وڏي اسر ڪان وني لڙيءَ سومهڻيءَ تائين، ننڊ جو ڍونڪو ماريو نہ ماريو، ساري عمر تاري ۽ تات علم جي هوندي هُين، جنهن جي آب حيات مان پيئندا نہ ڍاپندا هئا. سندن جهونڳار رات ڏينهن حجرن مان پڌڻ ۾ ايندي هئي. هڪ عجب زمانو هو، جو وري مشڪل هٿ اچي! اهو سحر ۽ جادو اُن وقت لاءِ هو:

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنواربن،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ ڪي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

عالم چڱيو، پر وقت جا حاڪم بہ سُڌير هئا. ملڪي معاملن بعد سندن مشغلو علم ۽ علمي ماڻهن سان هو. شاه بيگ ارغون جڏهن هرات ۾ پنهنجي والد بزرگوار مير ذوالنون وٽ هو، تڏهن هميشه عُلمائن جي مجلس ۾ ويندو هو، ۽ هفتي ۾ ہ ٻيرا علمائن کي پنهنجي منزل تي گهرائيندو هو. ڪيترا ڪتاب ۽ رسالا لکيا اٿس، جهڙوڪ شرح ڪافيہ، شرح مطالع، شرح فرائض مير سيد شريف وغيره، جي ان وقت جي ماڻهن وٽ مقبول ۽ مشهور هئا. مرزا شاه حسين ارغون جي ساري حياتي علمي طلب ۾ گذري. منقولي علمن (حديث، فقه، تفسير، تاريخ وغيره) ۾ تمام مهارت هيس، ۽ باوجود حڪومتي ڪاروبار جي پنهنجي سبقن جي تقرير فارسيءَ ۾ ڪندو هو ۽ اها پنهنجي هٿين لکندو هو. مير معصومَ سندس دستخط تقريرون، قاضي ڏتي سيوهاڻيءَ جي ڪُتب خاني ۾ ڏٺيون هيون، جنهن وٽان هن علم جي تحصيل ڪئي هئي. شعرُ چڱيءَ طرح سمجهندو هو ۽ بعضي بعضي تہ تهتائو بيت چئي وهندو هو، ۽ تخلص "سپاهي" هوس. سڀ فيصلا شرع شريف موجب ڪندو هو، ۽ ساداتن، مشائخن ۽ علمائن کي نهايت ادب ۽ تعظيم سان پيش ايندو هو. مطلب تہ قاضن جو زمانو هڪ علمي عروج جو هو. علم ۽

(١٧) وڏو وڙ (در) الله جو، ونهيون الله.
(١٨) سدا وسي الله، مينهن ته منڊن وسڻا.
(١٩) نالو الله جو نماڻو.
(٢٠) وڏي ڪانڌ الله جي، ڪانڌيرو بادشاهه.
(٢١) نالائق نوازي، پڳي سڄي ڪري.
(٢٢) جيڪي ڪري سو خدا.
(٢٣) ڏيڻ انهيءَ جو ڪم، بندو ڪڄاڙو ڏيندو، بندو سکڻو ورچي.
(٢٤) بندو جائي گندو. بندو گندو.
(٢٥) پاڻ پاڪ بندو جهاڪ.
(٢٦) توڙي اگلا اوڏ، ته پڻ لاکي چام جا.
(٢٧) گولي آگن وس.
(٢٨) چڱائي ڪجي، ڪنهن جي نه وڃائجي.
(٢٩) شڪرانو سندس در، وڏا ٿورا الله جا.
(٣٠) ٻيڙي جو پنڌ (بنياد) ٻيڙو.
(٣١) جنهن جي واٽ نه وڃجي، تنهن جو پنڌ نه پڇجي.
(٣٢) سيڪو پاڻ کي، آيل پاڻ کي، جيجل پاڻ کي.
(٣٣) ڪرڻ پسند، ڏيڻ لهڻ.
(٣٤) پيش ڪنهن کي نه وڃجي.
(٣٥) لکيو پري، پر نه ٽري.
(٣٦) سيڪر پنهنجي ڪرم جي چڻي تو لوڙي.
(٣٧) ڪنهن جو ڏوهه ڪونهي، جيڪي ڪري سو الله.
(٣٨) مري جواب ڏيو.
(٣٩) ڪو ڪنهن جو نه ٿيندو.
(٤٠) حق ٿيندو، حق وڪيل ڪندو.
(٤١) سيڪو پنهنجو وڙ تو ڳالهائي.
(٤٢) نيت ولمراد، ڪ ڪائجي ڪ اوبارجي.
(٤٣) جي سڄڻ سڄي ٻانهن ڏي، ته سڄي نه ٻُڪجي.

(سنڌو - آڪٽوبر ١٩٣٤ع)

تي فارسيءَ ۾ منظوم ڪرايو، انهيءَ لاءِ ته سنڌ جو نالو نه فقط جنگجوئيءَ ڪري مشهور رهي، پر ادبي ڳالهين ۾ پڻ سندس ڪَرُ قرارو ٿئي. اها ڳالهه هندن وٽ پنجابڪيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ موجود آهي، ۽ گهڻو ڪري گرمکي اکرن ۾ لکيل آهي. هندو سسئيءَ کي "رُل مئي" ۽ سُهڻيءَ کي "ٻُڏ مئي" ڪري سڏيندا آهن. شاه عبداللطيف جي سهڻن بيتن ڪري اهو قصو مٿئين طبقي جي سنڌين وٽ به مقبول آهي، ۽ اهڙا ڪي ٿورا ليندا، جن کي پنهنجي هموطن بزرگ جو ڪجهه نه ڪجهه ڪلام دل تي نه هجي. سنڌ ۽ بلوچستان ۾ جهنگلي قومن مان ڪي ورلي هونديون، جي ان قصي کان اڻ واقف هجن. اوني اُن تي، ڏنار ڏڻ چاريندي، ۽ هاري هر ڪاهيندي، سسئي پنهونءَ جا بيت جهونگاري دل ڏتاريندا آهن.

٢. مومل راڻو، ٣. هير رانجهو، ۴. عمر مارئي، ۵. مل محمود جون جنگيون ۽ موت، ٦. دولهه درياخان جون فتحون، ٧. سُهڻي ميهار، ٨ دودو چنيسر، ٩. ساموئي يا هفت تن جون پيشنگوئيون، ١٠. ليلا چنيسر، ١١. نانگ جو قصو، ١٢. گهاتوئن جو قصو، ١٣. عبدالله بروهيءَ جون جنگيون، ١۴. صوبي چانديي جون ڪرهيون، ١۵. جام هالي ۽ جام ڪيهر جا جهيڙا وغيره وغيره.

عربي زبان فقط مسلمان عالمن کي ايندي آهي، اهڙيءَ طرح سنسڪرت فقط ڪن پڙهيل هندن تائين محدود آهي. ٻنهي مان ڪابه زبان عام طرح ڳالهائڻ ۾ نه ايندي آهي. پرڳڻي جي اُتر ۾ ڪي ٿورا پٺاڻ زميندار آهن، جي پنهنجي اباڻي ٻولي پشتو ڳالهائيندا آهن، پر اها ايتري پکڙيل نه آهي، جو ڪيس سنڌي ٻولين جي شمار ۾ لکجي. اهڙيءَ طرح پنجابي، جا فقط سکن ۾ مروج آهي. جيڪي ٻوليون عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندڙيون آهن، سي هي آهن:

١. بلوچي، ٢. جتڪي، ٣. فارسي ۽ ۴. سنڌي.

بلوچي هڪ اڻ گهڙي جابلو ٻولي آهي، جا فقط انهن ٿاڪرو

آهي، ۽ منجهس اٺن کان ٻارهن تائين مصراعون هونديون آهن. جتڪيءَ ۾ ان کي "ٽپه" يا "خيال" چوندا آهن، عموماً ڳائبي آهي، ۽ ماڻهن کي پسند ايندي آهي. ان جا ڪي سُهڻا نمونا شاه عبداللطيف رحہ جي رسالي ۾ موجود آهن.

۳. بيت: جن ۾ بعضي ٻہ ٽُڪون ۽ بعضي زياده هونديون آهن. بيتن جو وزن نيارو رڳو سنڌ سان لاڳو آهي. عام خاص ماڻهو بيتن جا شائق آهن، اهي طنبور تي ڳائبا آهن. ڏوهڙو بہ ساڳئي قسم جو شعر رکي ٿو، پر ان جو سُر ٻئي نموني جو آهي ۽ دهل تي ڳائبو آهي.

۴. سنيهڙو (نياپو): جو هڪ عشقي شعر آهي ۽ گويا عاشق جي طرفان معشوق ڏي هڪ خيالي نياپو آهي. ان جو سُر وري علحدو آهي ۽ نڙ تي ڳائبو آهي. جهنگلي قبيلن کي انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو راڳ نہ وڻندو آهي. انهن قسمن کان سواءِ ٻاهرازيءَ ۾ ڳجهارتن ۽ پرولين ڏيڻ جو دستور آهي، اهي بہ پنهنجي گڻ کان خالي نہ آهن ۽ سنجهي معمولي حصي کان وڌيڪ ايجاز ۽ خوشمزاجي آهي. ساري ملڪ ۾ شعر پکڙيو پيو آهي، جو ڪنهن ڪتاب ۾ گڏ نہ ڪيو ويو آهي ۽ شايد ڪڏهن بہ گڏ ٿي نہ سگهندو. انهيءَ شعر مان ڳچ جيترو اهڙو آهي، جو سنڌي عالمن کي ان تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هندستان جي ٻين پاڳن وانگر سنڌ جي پرڳٽي جو نظمي ادب باطراوت، ورجيسن سان پريل، طبع زاد، جهجهو، لفظن ۽ عبارتن ۾ گوناگون، ۽ ساڳي وقت سادو ۽ فطرتي آهي.. انگريزي تعليم جي سررشتيءَ هيٺ لکندڙ زياده تصنع کي لڳي ويا آهن ۽ ٻين عالمائين ٻولين جي تقليد ڪرڻ ۾ انهن مان خيال اُڌارا وٺڻ لڳا آهن. انهيءَ ڪري شايد سنڌي نثر کي تقويت پهچي، باقي شعر کي سو اهڙي قسم جي اهل ضرور زيان رسائيندي.

سنڌي شعر جي نمونن ڏيڻ کان اڳ بهتر ٿيندو تہ سنڌ جي مشهور بزرگن جي مختصر حياتي ڏيون:

۱. مخدوم هاشم ٺٽوي: هي بزرگ پنهور ذات جو هو. ٺٽي ۾ ڄائو ۽ ٺٽي ۾ ئي وفات ڪيائين. ڪلهوڙن حاڪمن جي ڏينهن ۾ ٿي گذريو آهي، سندس پوبان، جي ساوا ۽ آسودا آهن، اڄاتائين عالميءَ جي ڪوٽ ۾ رهن ٿا. هن هندستان ۽ عربستان جو سير ڪيو هو، ۽ عربي، فارسي ۽ فقہ چڱيءَ طرح پڙهي هئائين. چون ٿا تہ پنهنجي سياحت جي

وران ڪيترن عيسائي مبشرن سان مباحثا ڪيا هئائين ۽ سندن مذهب جي برخلاف ڪتاب لکيا هئائين. وطن موٽڻ تي ٺٽي جو قاضي مقرر ٿيو، ۽ سنديس علميت ۽ فضيلت ڪري وقت جا حاڪم کيس گهڻي عزت ڏيندا هئا. هاڻ کيس ولي الله ڪري سمجهندا آهن، سندس مزار مڪليءَ تي آهي، جتي ڪيترائي ماڻهو زيارت ۽ دعا لاءِ ويندا آهن. سنديس عربيءَ ۾ تصنيفون هي آهن: (۱) اشباه (۲) فاڪهہ البستان ۽ (۳) بياض هاشمي، پر سندس نانءُ خاص هينئين تصنيفن ڪري ڳائجي ٿو، جي هن عالمن لاءِ عربيءَ ۾ لکيون ۽ عام ماڻهن جي فهم لاءِ سنڌيءَ ۾ آنديون:

۱. عقائد، ۲. فرائض، ۳. ذبح شڪار، ۴. اغثني، ۵. ذڪر خلفاءِ راشدين، ٦. ذڪر قيامت، ۷. بدرالمنير ۽ ۸. مولود.

ازانسواءِ قرآن مجيد جي ڪيترن سيپارن جو عام سنڌيءَ ۾ شرح لکيائين. سندس ٽيهين سيپاري جو شرح (جزع عم) هميشه مڪتب جي ٻارن کي پڙهڻ لاءِ ڏيندا آهن. اهو سولو، سادو ۽ اصل جي معنيٰ چڱيءَ طرح سمجهائيندڙ آهي ۽ ڪنهن بہ طرح مشهور عربي تفسيرن کان علميت ۾ گهٽ نہ آهي.

۲. مخدوم عبدالله نازڪيءَ وارو: مخدوم هاشم کانپوءِ مشهور نثر نويس مخدوم عبدالله نازڪيءَ وارو آهي. هو ڪڇ ڀڄ جي پرسان نازڪيءَ جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو، پر اصل سنڌي، ذات جو منڌرو هو. ڪڇ جو هندو راجا سندس مريد هو، جنهن وٽان کيس ساليانو وظيفو ملندو هو. سندس ڪتابن مان هيٺ ڏنل مشهور آهن ۽ چون ٿا تہ هُو عربيءَ يا فارسيءَ ۾ ڪجهہ نہ لکيو:

(۱) ڪنزالعبرت، (۲). قصص الانبياء، (۳) خزانہ الابرار، (۴) خزانہ الاعظام، (۵) خزانہ الروايات، (٦) تنبيہ الغافلين.

۳. "معيار سالڪان طريقت"، هڪ فارسي زبان ۾ اولياءِ اسلام جو تذڪرو آهي، تنهن سيد عبداللطيف تارڪ جو هن طرح بيان ڏنو آهي:

"شاه عبداللطيف سيد حبيب شاه جو فرزند ٻارهين صدي هجريءَ جي شروعات ۾ اٽڪل ۱٦۸۰ (؟)* عيسوي ڌاري ڄائو هو.

شاعر "امير نصيرخان" جي حماقت تي افسوس ڪائي ٿو، ۽ "مير صوبيدار" کي نندي ٿو، جو "سر چارلس نيپئر" کي لکي موڪليو هئائين ته اچي پڳ ٻڌائينم، ۽ بروچن جي لشڪر کي حملي کان روڪيو هئائين. ڪوڙي ناريجي ۽ منشي آوتراءِ کي سندين خيانت جو خوب انعام ڏني ٿو. سردار غلام محمد ڪونبڙيءَ واري * ۽ محمد خان نوڙهي تي به خوب لعنت جي لڪار ڪئي اٿس. غلام محمد ڪونبڙيءَ وارو ذات جو لغاري بروچ هو، جنهن کي مير نصيرخان سردار ڪيو هو. مياڻيءَ جي لڙائيءَ کان ٿورا ڏينهن اڳ پنهنجي ماڻهن سان گڏجي "مير نصير خان" جي دربار ۾ ويو، جتي سيڻي مير اچي گڏ ٿيا هئا. هڪڙي هٿ ۾ ترار ۽ مڙساٽو وڳو ۽ ٻئي هٿ ۾ زنانو پڙو ۽ چولي هيس، ۽ چيائينس ته هن ٻن مان جيڪو وڳو وٺيڻي سو پهر. تنهنڪري نصير خان لاچار ٿي سر چارلس نيپئر تي مياڻيءَ ۾ ڪاهه ڪئي. جڏهن ڪونبڙي ڏٺو ته مير هارائڻ وارو آهي، تڏهن ظاهر ظهور پنهنجي ڳوٺ ڏي ڀڄي ويو. انهيءَ ڪري سنڌي کيس "لونبڙي "يا" "ڪوبلي" ڪري سڏيندا آهن. محمد خان نوڙهي چون ٿا ته انگريزن سان ٺاهه ڪري، دٻي جي لڙائيءَ پيري ميرن جي باروت کي باهه ڏني، ان ڪانپوءِ شاعر ميرن تي ٺٺولي ڪري ٿو، جو پنهنجن گهرو جهڳڙن نبيرڻ لاءِ ذاريـن کي دعوت ڏني هئائون. آخر مير شيرمحمد خان جي حق ۾ دعا گهري ٿو. ته "شال وري پنهنجو راڄ ماڻي!"

هن قطعه جي طرز عبارت کهري، ڪستي ۽ جاڏي آهي، پر يوربي ڪن به باسيندو ته سندس جذبا حب الوطني خواهه زور ۾ ڪم نه آهن، ۽ مهرو مگنٿهار جي روح کي جس ڏين ٿا!

---

* اصل ۾، "کُهنبڙي".

ڏاڳ، ڏاماهو، ڏاهہ (مصدر ڏاهڻ) ڏاهو، ڏاءِ، ڏب، ڏٻ، ڏٻڙ، ڏٻي، ڏت، ڏپ، ڏج (ڏڄڻ)، ڏر، ڏڙ، ڏش، ڏکڻ، ڏڳ، ڏڳڙ، ڏگھہ، ڏلو، ڏمر، ڏنبو، ڏنبهو، ڏنو، ڏوڙ، ڏوهہ، ڏوهڻ، ڏوهي، ڏهہ، ڏهڻ، ڏهو، ڏيگھہ، ڏ وغيره وغيره. (ڏ وچ ۾ يا آخر ۾) اُڏو، اُڏڪو، ٻڏو، آنڏو، چڏو، چنڏ، جانڏھ، جنڏو، سانڏو، مانڏو، سنڏ، منڏ، ڪنڏ، گڏ، گڏو وغيره وغيره.

(۳) ”ڊ“ نرم: ڊاءُ، ڊائڻ، ڊاپڄڻ، ڊائجڻ، ڊال، ڏڊي، وڊي، وغيره وغيره.

جنهن صورت ۾ ايترا لفظ آهن جنهن ۾ ٽ، ڏ ۽ ڊ نرم شڪل ۾ ڪم آيل آهن، تنهن صورت ۾ انهن جي پوري اُچار جي شناخت لاءِ خواه سنڌي درسي ڪتابن ۾ سڌارڻ لاءِ تدارڪ ڪيو وڃي. منهنجي راءِ آهي تہ ”ٽ“، ”ڏ“ ۽ ”ڊ“ جي نرم اچارن کي نروار ڪرڻ لاءِ انهن جي پيٽ ۾ ننڍڙي ”ر“ لکي وڃي. سنڌ جي تعليم جي اختياريءَ وارن جي خدمت ۾ التجا آهي تہ سنڌي درسي ڪتابن جي صورتخطيءَ ۾ اهڙي تبديلي ڏيکارڻ لاءِ زود قدم کڻن.

# سنڌي لغت تي ودوانن جا رايا

مهربان سمپاڪ مخزن سنڌو سلامت هجو!

عرض تہ 'سنڌوءَ' جي ڊسمبر واري پرچي ۾ اوهان عين وقت تي سنڌي دانن جو ڌيان ڇڪايو آهي تہ ساهتيہ کي اوج ۽ ڪمال تي آڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ سنڌيءَ ٻوليءَ جي هڪ ڪامل لغت هئڻ گهرجي، جنهن مان سمورا ڪارج سري اچن. انهيءَ باري ۾ مان بہ ٽي خيال ظاهر ڪرڻ گهران ٿو:

اوهان صاحبن ٻن بزرگن جا نالا ورتا آهن، جن پيشانيءَ جو پگهر هاري، گهڻي ڪشالي بعد لغت جا بہ ڪتاب تيار ڪيا آهن. اگرچ اهي وڏاڪ هينئر ٻئي جهان ۾ آهن، تڏهن بہ انهن جون تصنيفون موجود آهن. سرڳواسي لالا هاسانند سان منهنجي واقفيت ڪانہ هئي، مگر سندن لغت جو گهڻو حصو منهنجي نظر مان نڪتل آهي. مان جڏهن ورنيڪيولر ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هوس، تڏهن مسٽر گاجرا اها لغت ڪاميٽيءَ جي غور ۽ سفارش لاءِ ڏياري موڪلي هئي ۽ ڪاميٽيءَ خصوصاً منهنجي حوالي ڪئي هئي. مون کي اُن ۾ گهڻيون خاميون ڏسڻ ۾ آيون، جن جو سبب رکو هيءُ هو، جو قابل مصنف کي شايد عربيءَ ۽ فارسيءَ سان پورو واهپو ڪونہ هو، جو ڪيترن عربي لفظن کي فارسي ڪري سمجهيو هئائين. ۽ ڪيترن فارسي لفظن کي، عربي ڪري ليکيو هئائين.

ازانسواءِ عربي توڙي فارسي يا سنڌي لفظن جون معنائون ڪچ هنڌن تي غلط ڏنيون هئائين. بهرحال ڪاميٽيءَ جي نظر ۾ اها لغت اهڙي معيار جي نہ هئي، جو حڪومت کي سفارش ڪجي تہ اُن جي ڇپائڻ ۾ ٻهرو وٺي.

سرڳواسي ماسٽر سهجرام سان منهنجي ملاقات حيدرآباد ۾ ٿي هئي. هي پريو مڙس وڏڙن جي سُهڻن ڳڻن سان سينگاريل ۽ مسلم- هندو سيپتا جو جامع هو. پاڻ پنهنجو شاهڪار مون کي ڏيکاريو هئائين، جو پڻ پوءِ پروٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽيءَ اڳيان آيو. اگرچ ان ۾ گهڻيون اوڻايون هيون، تہ بہ اسان نهايت فراخدليءَ سان سرڪار کي استدعا ڪئي تہ اهڙيءَ تصنيف جي طباعت لاءِ گهٽ ۾ گهٽ بہ هزار رپيا عطيو ڏنو وڃي. نتيجو ڪهڙو نڪتو، تنهن جي مون کي خبر نہ آهي.

بهرحال هي ٻئي لغتون بنيادي پٿر جو ڪم ڏينديون، جيڪڏهن معتبر ودوانن جي ڪاميٽي ناهي وڃي، جي اهو سڳورو ڪم هٿ ۾ ڪڻن، تہ

نهايت عمدي ڳالهہ ٿيندي. ڪاميٽيءَ کي ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ ڪابہ لغت تيسين تائين ڪامل نہ ٿيندي، جيستائين ساري پرڳڻي جا قديمي توڙي موجود لفظ، محاورا، اصطلاح ۽ پهاڪا منجهس نہ سمائبا. انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ واجب آهي تہ پهريائين اها پڙهيلن جي منڊلي سنڌيءَ جي ساري ادب کي اٿلائي پٿلائي ۽ هندو مسلم ڪتابن مان نثين سر لفظ، محاورا، اصطلاح ۽ عبارتون ڳولي ڦولي، هر هڪ لفظ جي پوري استعمال ۽ معنيٰ ڏيکارڻ لاءِ گذريل شاعرن جو ڪلام ڪتب آڻي. اها ڳالهہ مٿين بنهي لغت وارن نظرانداز ڪئي آهي. ٻيو تہ عام طرح خيال ڪيو ويندو آهي تہ سنڌي زبان هڪ محدود زبان آهي، جا هڪ عظيم غلطي آهي. سنڌي نهايت ڪشادي ٻولي آهي. سنڌ جي هرهڪ ڀاڱي ۾ نوان نوان لفظ ۽ ورجيسون اجاتائين رواج ۾ آهن. تنهن ڪري، انهن جاڻن جي جماعت کي گهرجي تہ جدا جدا ڀاڱن ۾ ڪي برجستا ۽ هوشيار آدمي مقرر ڪن، جي اهڙن لفظن ۽ اهڙين عبارتن ۽ ورجيسن جو ذخيرو گڏ ڪري، مرڪزيءَ منڊليءَ کي ڏين. اهڙي ڪافي مصالحي گڏ ٿيڻ بعد مقرر چار عالم انهيءَ عاليشان ڪم تي سندرو ٻڌن. هي ليکو مهيني ماس جو نہ آهي، پر سالن جو آهي.

جفاڪشي گهرجي، صبر ۽ استقلال گهرجي، سرمايو گهرجي. سنڌ جي ڌنوانن کي استدعا تي ڪجي، تہ هڙئون وڙئون هن ڀلاري ڪم ۾ پڙهيلن جي پنيرائي ڪن. انهيءَ ۾ سنڌين ئي سرخروئي آهي.

(سنڌو، جنوري ١٩٣٥ع)

# ديوان منوهرداس کي جواب

سدا سلامت هجي!

مانوارو مهربان سمپادڪ 'سنڌو'

مارچ واري عدد ۾ ديوان منوهرداس ڪوڙيمل جو سنڌي لغت تي رايو پڙهي گهڻو عجب لڳم- رايو نه آهي، پر منهنجي رايي تي نڪته چيني آهي. ارمان رڳو اهو اٿم جو ديوان منوهرداس تڪڙ ۽ اُچاترائيءَ کان ڪم ورتو آهي. جيڪڏهن ٿڌيءَ ٿانهريءَ دل سان منهنجو رايو پڙهي ها ته جاتيپٽي جي ڄار ۾ هرگز نه ڦاسي ها. سرڳواسي ڪوڙيمل جي مربي فرزند مان اها اميد ڪانه هئي ته ڪو ساهتيه جي ڳالهين ۾ به جاتيپٽو ڏيکاربندو.

مون کي منيان نه لڳي آهي، پر ديوان منوهرداس کي گهربو هو ته، هڪ واري مضمون چڱيءَ طرح نظر مان ڪدي ها، ۽ پوءِ اُچلون ڏني ها، ۽ اڪبر کي مڪبر سڏي ها. مون ڪٿي ڪونه چيو آهي ته هندي يا سنسڪرتي لفظ ڊڪشنرين مان ڪدي ڇڏيو. مون فقط ائين چيو آهي ته آنجهاني لالا هاسانند، عربي ۽ فارسي لفظن جي وچ ۾ تميز نه ڪئي آهي. اڳوڻي نج سنڌيءَ ۾ اهڙا لفظ آهن، جي ڪنهن به سنڌي ڪوش ۾ نه لبندا، مثلن شاهه ڪريم جو هيءُ بيت اڄ تائين ڪنهن سمجهيو آهي؟

جهوڙيرا جهٽڪن، متي مين مگٿا،
سپڙ رات سمگنا، ڏکيا ڏينهن ڏسن،
گهر تا گهوٽ وڃن، چندا لٿي چارٿين.

هاڻي ديوان منوهرداس ٻڌائيندو ته "جهوڙبرو" ۽ "چندا" جا لفظ سنڌي آهن، سي ڪنهن ڪوش ۾ موجود آهن؟ اهڙي طرح اڳوڻن شاعرن ۽ مصنفن جي ڪلام ۾ اينترا سهڻا، سادا ۽ نج سنڌي لفظ آهن، جي لغت ۾ نه ملي سگهندا. تنهن ڪري منهنجو چوڻ آهي ته "ٻئي لغتون بنيادي پٿر جو ڪم ڏينديون." مون ائين ڪڏهن ڪونه چيو آهي ته انهن کي بيڪار ڪاغذن جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو. اهو ديوان منوهرداس جو وڌاءُ آهي. تنهن ڪري مون صلاح ڏني آهي ته چئن ماهرن جي منڊليءَ ناهي وڃي، جي غور سان اهي ٻئي لغتون اپياس ڪن، ۽ انهن کي چند چانديي، چپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب مطالعو ڪري، انهن ۾ نوان لفظ ۽ محاورا داخل ڪن، پوءِ عربي هجن يا فارسي، سنسڪرتي هجن يا هندي. جنهن به زبان مان اسان

جا ڪارج سرن، اُن مان بيشڪ مدد ورتي وڃي. اهو مهيني ماس جو ڪم نه آهي، بلڪ سالن جو ڪم آهي. ديوان منوهرداسَ، "جُڳُن" جو لفظ استعمال ڪيو آهي، جو منهنجي رايي ۾ نه آهي. شايد ديوان منوهرداس ڊڪشنري مهني اندر بنائي سگهي ٿو ته پلي بنائي، اسان جو اکيون ٺرنديون. پر مان يقين سان چوان ٿو ته اهڙي پاري ۽ نازڪ ڪم لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پنج سال ته ضرور گهرجن. ڪچٽي نه آهي جا ڪن ۾ ڪائي وٺبي. اڳين لکندڙن، جن ڪي سنڌي لفظن جي ذاتن جي خبر نه هئي، تن سنڌي زبان کي گهڻو نقصان رسايو آهي. غلط ۽ اوٽ تي ڏنل معنائون گهر ڪري ويون آهن، تن جي پاڙ پٽي ڪڍڻ ڪنن ڪم تي پيو آهي. وري جيڪڏهن سنڌيءَ جي نئين سڌاريل ڊڪشنريءَ ۾ به ساڳيون ڏُکي بازيون هليون ته سنڌي ٻوليءَ جو الله واهي آهي. انگريزي آڪسفورڊ ڊڪشنري ڇٽن سوَن سالن کان پوءِ وجود ۾ آئي آهي؟ ڇا سنڌيءَ پنج سال به نه لهڻا؟ يا اڪ جي ماکي لاهڻي آهي؟ مان چوان ٿو ته سرڳواسي سهجرام جي اصل هٿ اکر لکيل "سهج ڪوش" وارو مصالحو ڪم آڻڻ گهرجي. جيڪڏهن اهو ڪارگر آهي ته، ۽ پڻ لالا هاسانند جي لغت به سُوڌجي. پر انهن صاحبن سنڌيءَ جا سڀ ڪتاب نظر مان ڪونه ڪڍيا هئا، تنهن ڪري واڌو مصالحو گڏ ڪري جدا سنواريل سڌاريل سنڌي لغت ناهڻ گهرجي. جي اهو ڪم ديوان منوهرداس ۽ سندس ٻيا همراهَ سڄڻ هڪ مهيني يا هڪ سال ۾ پورو ڪن، ته پهريون خريدار مان ٿيندس. خالي وات جي ڦٽاڪن چوڙڻ مان ڪجهه نه ورندو.

سنڌيءَ جي ڄمار سٺ اسي ورهيه نه آهي، جئن مسٽر پيرومل يا مسٽر ڏيارام يا مسٽر ڦيرواڻي (ڊاڪٽر ليلا رام ڦيرواڻي) لئيءَ مان لٽ پيچي فرمائين ٿا، پر چار سئو ورهيه آهي. نڪي ننديرام جي سنڌي "معصومي تاريخ" کان شروع ٿئي ٿي، ۽ نڪي "پنيي زميندار جي آڪاٽيءَ" کان. ان جي درخت جون پاڙون قاضي قاضن، شاه ڪريم، شاه لطيف، مخدوم محمد هاشم، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم ابوالحسن، مخدوم ابراهيم، ميان عبدالله، ميان محمد حسين ۽ فاضل جهڙن بزرگن جي ڪلام ۾ ڪتل آهن. ڇا ديوان منوهرداس ۽ ان جي همراهَ ساٿين انهن بزرگن جون تصنيفون پڙهيون آهن؟ اڄ به جيڪڏهن انهيءَ وقت جي سُهٽي سنڌي روزمره جي گفتگو ۾ ڪم آڻيون، ته سنڌي ساهت جو هوند ڏونئي ڊڪڻ گيهه ۾ پوي.

سنڌ ۾ پڙهيلن جون ٽي پٽڪيون مس آهن، جن جا نالا ڳاڻ ڳٽيا آهن. مثال طور هيٺيان صاحب اهڙي منڊليءَ جا ميمبر ٿي سگهن ٿا، ۽ پڻ

پنهنجو قيمتي وقت اهڙي سڳوري ڪم تي صرف ڪري سگهن ٿا.

### هندو ڪرستان:

(١) پرمانند ميوارام
(٢) ديوان نرملداس
(٣) ديوان صوبراج نرملداس
(۴) پروفيسر گربخشاڻي
(٥) مسٽر لالچند جڳتياڻي
(٦) مسٽر چيتمل پرسرام
(٧) مسٽر پيرو مل مهرچند

### مسلمان:

(١) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي
(٢) مولوي حاجي عبدالرحيم
(٣) مولوي دين محمد وفائي
(۴) مسٽر محمد صديق ميمڻ
(٥) مسٽر علي خان ابڙو
(٦) مسٽر محمد صالح پٽي

هن مسڪين کي به جيڪڏهن انهن قابلن جي قطار ۾ ليکيو ويندو ته تن مَنَ سان تيار آهي. ڪريون اميد ته جلد انهيءَ باري ۾ عملي ڪوشش ڪئي ويندي.

("سنڌو"، اپريل ١٩٣٥ع)

# سنڌي لغت تي رايا
# (ڪاڪي پيرومل کي جواب)

ڊسمبر ١٩٣٤ع واري ”سنڌو“ جي عدد ۾ سمپادڪ هڪ هوائي بم گولو ڇوڙيو هو ته وقت اچي ويو آهي، جو سنڌي دان هڪ وسيع پيماني تي ”سنڌي ڪوش“ تيار ڪرڻ جي ڪوشش ونن. انهيءَ باري ۾ هن صاحب سيني اهل زبانن کي دعوت ڏني ته پنهنجا پنهنجا رايا ظاهر ڪن. مون ڪان ٻه نه ٿئي خطا، سو هڪدم پنهنجو خيال، جنوري ١٩٣٥ع واري خاص عدد ۾ نروار ڪيم. اميد هيم ته جيستائين هيتريءَ دسِ تان اهو رايو پهچي ٿي پهچي، تيسين سمپادڪ جي ميز جو خانو زباندانن جي راين سان ٽمٽار ٿي ويندو، ۽ شايد ويچاري ’سنڌو‘ ۾ جاءِ جي تنگيءَ سببان ٻيا مضمون بالائي طاق رکي، رڳو راين کي رينگٽ ڏيندي، منهنجيءَ اڳڪٿيءَ جي ابتڙ فقط منهنجو ئي نماڻو ۽ ناقص خيال پرڪاشت ٿيو. ڇا اهڙي قومي ڪم ۾ بي التفاتي ڏيکارڻ قحط الرجاليءَ جو ڪافي دليل ناهي؟

مون کي اها خبر ڪانه هئي ته ڪو سچ ڇوڻ ڪان مڇ ڀرندو، ۽ آنجهاني ديوان ڪوڙيمل جي لائق فرزند مسٽر منوهرداس کي منهنجي انهيءَ واجبي لکڻ تي ٽن مهينن بعد چٽنگ چولي ۾ پوندي ۽ جاتيپٽي جو جار منجهس جهَڙ جهڙ ڪري ڀرندو؟ بهرحال معقول جواب ڏنو ويو ۽ انهيءَ، ڏاهي ڪانءَ وانگر پهرين ٻوڙهي لڳڻ شرط پنهنجو مٿو لڪايو. پر وَهيو هوندو آهي گ ڻ ٻوڙو، هاري ڪيتريون ٻه شوڪرون ڪري، ڪانياٽيءَ جي ٻُچڙ کي نڪاءُ ڏياري، ۽ ٻوڙها اچلائي، ته ٻه تيسين نه اُٿندو، جيسين هاري وجي انهيءَ ڪاني کي لوڏي، جنهن تي هو ويٺل هوندو آهي. تنهن وانگر ڪاڪي پيرومل کي ٻه انهيءَ ڳالهه جو سماءُ نه هو (شايد ’سنڌو‘ سندس هٿن تائين نه رسندي آهي)، تان جو ٽن مهينن گذرڻ بعد (يعني جولاءِ واري مهيني ۾) ڪاڪي سائينءَ جي ڪن ۾ ڪنهن ڇيٽي پورَ وجي ڦوڪ ڏني، ته دائودپوٽي اوهان جي حق ۾ ويڻ وهايا آهن، جو ”لٿيءَ مان لٿ پڃڻ“ جو قبيح اصطلاح اوهان جي شان ۾ ڪم آندو اٿس. ڪاڪي ويچاري جون ته ٻه ٻه ويون ڇهه ٻه ويون، وِهڻ وهه ٿي آيس، اکين مان آگ جا شعلا نڪرڻ لڳس، مُڇون ۽ پِرون ڦرڪڻ لڳس، ۽ ڏڪندڙ هٿن سان هيڏي ساري ڪانگ کي لکي سڌو ”سنڌوءَ“ ڏي ڏياري موڪليائين، ته پل مُسلي جو ميڄالو انهيءَ لٿيءَ جي لٿِ سان پڃي. پر اهو ميڄالو ته فولاد جو نهيل آهي، سو ڪاڪي جي هيٺن هٿن

"پهاڪن جي پيڙهه" وڌيڪ ۽ "چوندڊ ڪلام" چانداڻو ڪيو. انهن مان ڪيترو اُپراسو ٿيو، تنهن جي توهان کي خبر آهي، مگر سيکنهن دوست، قدر آهر اوهان کي انهن ڪتابن جي اگهائڻ ۾ مدد ڪئي. ان ڪان پوءِ پراوا سراوا مضمون هٿ چوهي ڪري مشترڪ لاءِ ٻه "نثر جا ڪتاب" هڪ ٻئي پٺيان ڇپائي خوب ڪيسا پريوَ. جڏهن ڏٺوَ ته هاڻي جاوا ڪيا اٿم، ۽ اڳتي جي اميد ڪانهي، تڏهن "سيلاني شاهه" لاءِ، جنهن ۾ اوهان جا آبڪاري گشت شاهه لطيف تي مڙهيل آهن، يونيورسٽيءَ کي مدد جي درخواست موڪليوَ. جيڪڏهن انهيءَ ۾ منهنجي غلطي آهي، ۽ اهڙي سهائتا ڪنهن ٻيءَ تصنيف لاءِ طلب ڪئي هجيوَ، ته معافي گهُران ٿو. تنهن ڪان پوءِ وينا سنڌي آئيوينا مان ڪبر ڪڍڻ (ڏسو سنڌو خاص نمبر، جنوري ١٩٣٤ع)، جي: جن سنڌي آئيوينا بنائي، سي وڏا بيوقوف هئا. افسوس اوهان جهڙا عاقل ان وقت موجود نه هئا، نه ته اوهين اهڙن پاڳلن کي ضرور دڳ لايو ها ۽ عربي سنڌي آئيوينا کي عربي سمنڊ ۾ لوڙهي، وڏيءَ دل سان "ديوناگري اکر" ڪم آڻيو ها. سائين منهنجا، هاڻي به ويرم ڪانهي. اُپديش ڪان اڳ مثال ڪري ڏيکاريو. مهرباني ڪري پنهنجا نوان رٿيل ڪتاب "قديم سنڌ جي تاريخ" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ته ديوناگري صورتخطيءَ ۾ ڇپائي پڌرا ڪريو. پوءِ اوهان جا پوئلڳ گهڻا ٿيندا. هڪ نئين سنڌي ساهت اڏجي پوندي. اٿوَ اخلاقي جرئت؟ هيڪر ته سندرو ٻڌو ۽ ڪو ڀوٿو ته پاريو. "اُدم کي پرچيا اٿن، سو ڪوڙ ڪونهي". اميد ته ميونسپالٽين جا مشير اوهان جي پٺ پرائي ڪندا!

هاڻي اچون ٿا ڳالهه جي موڙ تي. اوهان ڪٿي به ظاهر ظهور ڪونه چيو آهي ته "سنڌيءَ جي چمار سٺ اسي ورهيه آهي،" پر اوهان جي مضمون "هاٺوڪي آئيوينا مان نقصان" مان اهوئي انومان ڪڍي سگهجي ٿو. جنهن صورت ۾ اڳي سنڌيءَ جي آئيوينا ڪانه هئي، تنهن صورت ۾ ان جي ساهت ڪيئن وجود ۾ ايندي؟ جي اکر نه هوندا ته لفظ ڇا مان جڙندا؟ جڏهن اوهين پاڙ کي پٽيو ٿا، تڏهن ٿُڙ جو ڪهڙو آسرو؟ فقط ١٩٥٣ع ۾ ڪن پاڳلن موجوده "سنڌيءَ جي الف بي" ناهي ۽ ان ڪان پوءِ سنڌي نثر لکجڻ ۾ آيو. جي سچ پچ ائين آهي ته قديم شاعرن جهڙوڪ شاهه ڪريم، شاهه لطيف، خواجه محمد زمان، سچل، عبدالرحيم گرهوڙيءَ، ساميءَ وغيره جو ڪلام ڪهڙيءَ سنڌيءَ ۾ لکيل هو؟ ۽ ان لاءِ ڪهڙي آئيوينا مقرر هئي؟ ايترو بلاشڪ چئبو ته اها صورتخطي يا لپي ناقص هئي، ۽ ان ۾ سنڌيءَ جا سڀئي اُچار ادا ٿيل نه هئا. ڇا ديوناگريءَ لپيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا خاص

آواز جھڙوڪ ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڳ موجود آهن؟ بلڪ مان چوندس تہ ڪن ڳالهين ۾ اڳوڻي صورتخطي هاڻوڪيءَ ڪان بہ بهتر هئي، ان وقت جا پڙهيل اها جهوني صورتخطي چڱي طرح پڙهي سگهندا هئا. جيتري قدر مون کي خبر آهي تہ قديم ۾ قديم سنڌي نظم، قاضي قاضن (وفات ٩٥٨هہ) ۽ ڪائنس اٽڪل سؤ ورهيہ پوءِ شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري (وفات ١٠٣٢هہ) جا بيت آهن، جي محمد رضا ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب "بيان العارفين" ۾ فارسي ترجمي سميت آندا آهن- ۽ قديم ۾ قديم ضبط ٿيل نثر مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ (وفات ١١٩٢هہ) جو آهي. جيڪڏهن ڪاڪي ڀيرومل پارا اُهي پڙهي ۽ سمجهي نہ سگهندا تہ ان ۾ ويچاريءَ سنڌيءَ جو ڪو ڏوهہ نہ آهي، آخر تہ اها پنهنجي اوائلي شڪل ۾ هئي. اگرچہ ان ۾ ايترو سارو فرق نہ آهي، جيترو چاسر ۽ شيڪسپيئر جي ٻوليءَ ۾ فرق آهي. تنهن ڪري ان کي سمجهڻ آسان آهي.

اهڙيءَ طرح مسٽر ڏيارام ميرچندائيءَ جي مضمون "سنڌي نثر تي نظر" مان بہ ساڳيو ئي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو. مسٽر ميرچندائيءَ انهيءَ مضمون کان اڳ سنڌي ساهت جي صحن ۾ ڪڏهن پير نہ پاتو آهي. هيل تائين گهڻو ڪري سنڌي وياڪرڻ ۽ انگي حساب تي ٻين سان گڏ چوپڙيون لکيون اٿس. رڳو ١٩٠٧ع ۾ مسٽر ليلارام پريمچند سان گڏجي اڳين ڪتابن مان نثر ۽ نظم چونڊي "گلدستو" نالي هڪ ڪتاب ڇپايو هئائين، جو ڪجهہ سال انگريزي سڪولن ۾ درسي ڪتاب طور پاڙهيو ويندو هو. انهيءَ ڪم جي ڪري سنڌي ساهت جي شيوا ڪانہ ڪئي اٿس، ۽ ڪاڪي ڀيرومل وانگر پرائو دماغي پورهيو پنهنجي جُوفي لاءِ ڪتب آندو اٿس. اٺاويهہ سال کن مسٽر ڏيارام خاموش رهيو ۽ ادبي دنيا ۾ قدم نہ ڌريائين. جڏهن ١٩٣٤ع ۾ سنڌ جي هيڊماسترن پاران ٻمبئي يونيورسٽيءَ جو فيلو مقرر ٿيو، تڏهن وري پانيائين تہ ڪجهہ ڪمائي وٺان. سو مسٽر جمناداس سڌاڻيءَ جي شراڪت سان "چُونڊ سنڌي نثر" لکي، مئٽرڪ لاءِ منظور ڪرايائين. تنهن کان پوءِ پاڻ ملهائڻ لاءِ مٿيون مضمون، جو هوبهو "چونڊ سنڌي نثر" ۾ ڏنو اٿس، 'سنتو' ۾ شايع ڪيائين. جنهن ۾ اخبارن ۽ مخزنن جو بيان ڪندي پنهنجي جاتيءَ جون سنڌيءَ لاءِ خدمتون چڱيءَ طرح ڄڻيون اٿس، مسلمان اخبار نويسن جو نالو بہ نہ آندو اٿس. ازانسواءِ ٻيا پاراٺا مضمون جهڙوڪ "شهزادو امل ماڻڪ" وغيرہ لکيا اٿس، جن جي ڪري سنڌي ساهت کي ڪنهن بہ قسم جي اوچ نٿي اچي. هي بہ "پيريءَ ۾ پيئي، اکيون آريءَ ڏي ڪٺان" وارو پهہُ آهي.

ڊاڪٽر ڦيرواڻيءَ سان منهنجي شخصي واقفيت ناهي. انهيءَ بہ ساهت جي ميدان ۾ گهوڙو ڊوڙايو آهي. سندس ليک ڪنهن وقت ڪان "سنڌو" ۾ پڌرا ٿيندا رهن ٿا. مارچ ١٩٣٥ع واري عدد ۾ "سونهري سنڌي" (يا ڇيٽهري سنڌي!) جي سري سان مضمون لکيو اٿس، جنهن ۾ چوي ٿو تہ "سنڌي ٻوليءَ کي جنهن صورت ۾ اسين ڏسون ٿا، تنهن کي ٿهئي اسي سال مس ٿيندا." اها ڳالهہ رءِ جهڙي آهي، پر انهيءَ جو مطلب نہ آهي تہ اسي ورهين کان اڳي لکيل سنڌي نپٽ ڪانہ هئي. مان چوندس تہ بيشڪ هئي، پر اسان جي غفلت وچان ۽ بيپرواهيءَ سبب قلمبند نہ ڪئي وئي، نہ تہ اسان جا وڏا شاعر جهڙوڪ شاه، سچل سامي وغيره ڪو عربي فارسي ڪونہ ڳالهائيندا هئا.

ڪاڪي پيرومل جيڪا منهنجي وڏي ڀُل لڌي آهي، سا هيءَ آهي تہ مون "سنڌي ساهت" جي بدران فقط سنڌي لکيو آهي. مون کي يادگيري آهي تہ مسودي ۾ مون "سنڌي ساهت" لکيو هو؟ شايد "ڇپيندڙ جي پوت" ساهت جو لفظ ڪيرائي ڇڏيو آهي. بهرحال لکيل سنڌيءَ جو پُرو ١٠٣٨هہ ۽ ٣١٦ سال اڳي پوي ٿو. اگرچہ صورتخطي ناقص هئي. باقي ڪاڪي سائينءَ جي دعويٰ ڪرڻ تہ سنڌي ٻولي ١١٠٠ع ڌاري پراڪرت مان ڦري علحدي طور ڪم اچڻ لڳي، سو ڪو نئون نظريو نہ آهي. حقيقت ۾ اهو خيال مون وٽان ئي ورتو هئائين، جڏهن مان سنڌ مدرسة الاسلام جو پرنسپال هوس. اهڙيءَ طرح "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جو مدار بہ انهيءَ ذخيري ۽ مواد تي ٻڌل آهي، جو پروفيسر گربخشاڻيءَ کان ورتو هئائين، جنهن جو شايد هاڻي اعتراف بہ نہ ڪري. ازانسواءِ "سنڌو" جي جنوري ١٩٣٤ع واري خاص عدد ۾ مون عربي جغرافيہ نويس اصطخريءَ جي حوالي سان اڳ ۾ ئي ڄاڻايو آهي تہ "منصوره ۽ ملتان ۽ انهن جي اردگرد وارن شهرن جي ٻولي عربي ۽ سنڌي هئي." (ڏسو، مسالک الممالک: ص ١٧٠). اهو ڪتاب ٩٥٠ع ڌاري لکيو ويو. اهڙي طرح مقدسي، پنهنجي تصنيف "احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم" (لکيل٩٨٥ع) ۾ ديبل بندر جو بيان ڪندي لکي ٿو (ص ٤٧٩) تہ "اتي جا رهاڪو گهڻو ڪري واپاري آهن ۽ سندين ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي." انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ ڪاڪي پيرومل جو قول بنہ غلط آهي. سنڌي نہ فقط ١١٠٠ع ڌاري پراڪرت کان ڇڃي ڌار ٿي، بلڪ ان کان گهڻو اڳي ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، جنهن مٿين شاهدين مان پڌرو آهي. ڪاڪي سائينءَ کي اجا وڌيڪ کوجنا ڪرڻ گهرجي. حقيقت هن ريت آهي:

راءِ گهراڻي جا راجائون ٻڌ ڌرم جا پيرو هئا، تنهن ڪري انهن جي ڏينهن ۾ ديني ۽ درٻاري ٻولي ضرور پالي هوندي. برهمڻ گهراڻي جي ڏينهن ۾ وري نئين سر سنسڪرت زور ورتو هوندو، پر جئن ته درٻاري ۽ ديني ٻولي اڪثري عام ماڻهن جي ٻولي نٿي رهي، تنهن ڪري انهن جي زبان ضرور سنسڪرت ۽ پاليءَ جي بگڙيل صورت يعني ڪانه ڪا پراڪرت هوندي، جا عربن جي سنڌ جي فتح (٧١٢ع) کان پوءِ گڏجي مُسجي، عربي- سنڌي صورت ۾ ڳالهائڻ ۾ آئي. فارسي لفظ عربن جي حڪومت جي زواليت کان پوءِ ارغونن ۽ ترخانن جي ڏينهن ۾ داخل ٿيا.

مون بيشڪ لکيو آهي ته "سنڌ ۾ پڙهيلن جون ٿي پٽڪيون مس آهن، جن جا نالا ڳاڻ ڳڻيا آهن." انهيءَ ۾ مون سنڌي خواندن جي ڪهڙي اهانت ڪئي، يا پنهنجي علميت جو بانور ڏيکاريو؟ "پڙهيلن" مان منهنجي مراد اها نه آهي، جي "ڏڌ، گل، پت، چت" پڙهي ڄاڻن، يا اهي جي خلق کي خوش ڪرڻ لاءِ رونشي خاطر اخبارن ۾ مضمون لکن، پر اهي جن ۾ علمي تحقيق ۽ تدقيق جو مادو آهي، جيڪي علمي نموني سان لغت جي کوجنا ڪن، ۽ نه اڳين لکندڙن وانگي اٽڪل بازيءَ کان ڪم وٺن ۽ لفظن جون اوٽ تي معنائون ڪڍن. مون مثال طور ڪي نالا پيش ڪيا، انهيءَ ۾ ڪهڙي تقصير ڪيم. مسٽر منوهرداس ۽ ڪاڪي پيرومل کي ٻه گهرجي ها ته سنڌي لغت تي پنهنجا رايا ڏيکارين، ۽ پنهنجون ڪاميٽون رٽين ها، ۽ نه مون تي شخصي حملا ڪن ها. هيل تائين ته سنڌ جا عالم ماٺ ۾ رهيا آهن ۽ ڪنهن به مسٽر ٻولچند راجپال جو سڏ نه ورنايو آهي. ڇا انهيءَ کي پڙهيلن جو ڪال نه ٿو چئي سگهجي؟ جيڪڏهن سنڌي دانن جو اهڙو رايو آهي ته سنڌي ڪوش ٻه ياعمر نه ٺهندو. اسان کي گهرجي ته ذلتي ڳالهيون ڇڏي، انهيءَ سڳوري ڪم کي جُنبي وجون. سيني عالمن کي حق آهي ته انهيءَ باري ۾ راءِ زني ڪن، ۽ نه رڳو ايتري تي ڪفايت ڪن، پر عمل جي واٽ ڏي ٻه وک ورائين.

ڪاڪي پيرومل منهنجي علمي بانور جو ٻيو مثال هيءُ ڏنو آهي، ته مون چيو آهي ته شاه ڪريم جو هيٺيون بيت ڪنهن نه سمجهيو آهي:

"جهوڙيرا جهٽڪن، مٽي مين مگٽا،
سپڙ رات سمگٽا، ڏکيا ڏينه ڏسن،
گهر تا گهوٽ وجن، چندا لٿي چارٽين."

ڪاڪو پيرومل سُنهن کٽي چوندو ته منهنجي هن بيت کي درست

# عقابيل اڪيون يا او قابيل اڪيون

مون ڊسمبر ١٩٣٥ع واري سنڌوءَ جي عدد ۾ ڳالهه تان ڳالهه ڪندي ڇاڻايو هو ته 'عقابيل اکين' واري پڙهٽي، جيڪا محترم استاد پروفيسر گربخشاڻيءَ رد ڪري، 'اوقابيل اکين' واري پڙهٽي اختيار ڪئي آهي، سا بلڪل درست آهي. جڏهن لنڊن برٽش ميوزيم واري نسخي جي تطبيق ٿي ڪيم، تڏهن ڏٺم ته بياض واري حاشي تي لکيو پيو آهي ته 'عقابيل' صفت آهي 'عقاب' جي، يعني: 'اي محبوب تون عقابي اکين سان تکا تير ٿو مارين.' اها معنيٰ دل تي تري آيم- ۽ پروفيسر ڏي يڪدم ڪراچيءَ لکي موڪليم ته اها غلطي درست ڪري ڇڏي. مون سنڌوءَ ۾ ان جي معنيٰ ڇاڻي واڻي نه ڇاڻائي هئي، جو بلڪل پڌري پئي آهي. عيان راچه بيان. 'عقابيل' کي 'اوقابيل' بڻائڻ بلڪل تار ۾ وڃڻو آهي. 'عقابيل' لفظ عام جام آهي. اسان جي طرف عام طور ڪم ايندو آهي. پڻ عقاب جي ٻچڙي کي عقابيل سڏيندا آهن. فوق ڪُل ذي علمُ عليم.

٥ هي نوٽ علمي بحث طور لکيو ويو آهي ۽ نه نڪتچينيءَ طور.

پارسي لفظن جو وڏو انداز داخل ٿي ويو، تہ بہ عام ماڻهن پنهنجي اباڻي ٻولي نہ ڇڏي. انهيءَ کان پوءِ انگريزي پنهنجو وارو وڄائي ويٺي، ۽ هينئر وري اردوءَ جي نوبت آئي آهي، تنهن هوندي بہ هيءَ لاکيڻيءَ لونيءَ واري لال ڪنوار، پنهنجو ورُ نہ مٽائيندي! باوجود سادگيءَ ۽ کهرائيءَ جي، منجهس ايتري لذت ۽ ڪشش آهي، جو سنڌ جو هرهڪ فرد سندس بيساختہ ناز ۽ انداز تي عاشق رهندو. آيا سنڌي اهڙا بيغيرت آهن، جي شهري لبن جي لالاڻ ۽ گُلگونيءَ تي موهت ٿي، پنهنجي ديهاتي حسين لُڏڻِ ڪي گيباٽو ڇڏي ڏيندا؟ نہ نہ، هرگز نہ! جيستائين هن سريءَ ۾ ساهہ آهي، تيستائين انهيءَ وينگس جا پير ڏوئي پيئبا!

اسان جي ٻاجهاري ٻولي، موجوده يورپ جي متمدن ٻولين کان بہ اڳاٽي آهي. اهي اڃا وجود ۾ ئي نہ آيون هيون، ۽ اردوءَ جو اڃا ايرپير بہ معلوم ڪونہ هو، تہ سنڌي زبان هڪ پاڪيزي نموني ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ايندي هئي. جهر جهنگ ۾ سنڌ جا اهل الله. سنڌي بيت ۽ دوهرا جهونگاريندا هئا. انهن ۾ ايترو سوز ۽ ساز هوندو هو، جو ٻڌندڙ محو حيرت ٿي ويندا هئا: ۽ ڪيترائي ڪيفي، ڪامياب ٿي، جان فدا ڪندا هئا. ڇا، مخدوم احمد ڀٽيءَ هڪ سماع جو بيت ٻڌندي ساهہ نہ ڏنو؟ ڇا، هڪ سيلانيءَ، شاهہ لطيف جو هينئين بيت پڙهندي، پنهنجي حقيقي محبوب جي سڪ ۾ پِران نہ تياڳيا؟

هيڪليائي هيل، پورينديس پرينءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سڄن سيل،
تہ ٻيلي آهن ٻيل، سُور پريان جا ساڻ مون!

انهن قرب جي وٽين ۾ اڃا بہ ماڪيءَ جهڙو مَٺ آهي، ڪرو ڪو انهيءَ جي چاشني چکي:

جي چکين تہ چريو ٿئين، ان ميخاني جو مَٺ!

جيتريقدر مون کي معلوم آهي، ”بيان العارفين“ ئي پهريون فارسي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌي اڳئين نموني ۾ لکيل نظر اچي ٿي. اهي آهن شاه ڪريم بلڙيءَ واري (۴۴- ۱۰۳۲هہ) جا سنڌي بيت، جي ”بيان العارفين“ جي مصنف، محمد رضا بن عبدالواسع، انهيءَ بزرگ جي ملفوظات ۾ داخل ڪيا آهن. مخفي نہ رهي تہ شاه ڪريم جا ارشاد ۽ وعظ پڻ سنڌيءَ ۾ هئا، جن کي محمد رضا خواهہ مخواهہ فارسي لباس پهرايو آهي. اهڙيءَ طرح، خواجہ محمد زمان جا مقولا بہ سنڌي نثر ۾ هئا، جي

بزرگ گرهوڙيءَ چاڻي واڻي عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا. انهيءَ وقت سنڌي ايتريقدر سڌريل هئي، جو بزرگَ، تصوف جا ڳوڙها نُڪتا، ان ۾ سولائيءَ مان بيان ڪري سگهندا هئا. 'بيان العارفين' ڪان اڳ وري مخدوم نوح جي ملفوظات آهي. 'بيان العارفين' جي رستي، قاضي قاضن (وفات ٩٥٨هه) جا ست بيت محفوظ رهيا آهن. قاضي قاضن هڪ وڏي پايي جو عالم ۽ عارف هو، جنهن اهڙي قسم جو گهڻوئي ڪلام چيو هوندو، جو هينئر عدم پيدا آهي.

ڪي سطحي ماڻهو چوندا آهن تہ سنڌي هڪڙي ٿلهي ۽ سڪٽي زبان آهي، ۽ منجهس ادب بلڪل ٿورو آهي- خصوصاً اسان جا حريف ۽ اردوءَ جا دلدادا اهڙي دعويٰ وڏيءَ هام سان ڪندا آهن- پر اها سندن عظيم غلطي آهي. سنڌي نهايت ڪشادي ٻولي آهي، ۽ جيڪي بہ زبانون سنسڪرت مان ڦُٽي نڪتيون آهن، تن ۾ لفظن جي ڪثرت ۽ گوناگونيءَ ڪري نهايت برجستي آهي. ڪا اهڙي شيءِ ناهي، جنهن لاءِ ٻيا نالا يا مترادف نہ هجن- مثلاً، 'اُٺ' لاءِ درجن کن نالن جو آهي، جن مان ڪي مترادف آهن، تہ ڪن ۾ معنيٰ جي لحاظ سان قدرتي تفاوت آهي. معنوي يا ذاتي لفظَ سنسڪرت، عربيءَ ۽ فارسيءَ مان آزاديءَ سان ورتا ويندا آهن، جنهنڪري سنڌي لغت بلڪل وسيع ٿي پيئي آهي.

سنڌي ادب بابت هيترو چوڻ ڪافي آهي تہ جڏهن انگريزن هندستان ۾ پير پاتو، تڏهن ڪنهن بہ ڏيهي ٻوليءَ ۾ ايترو علم ادب ڪونہ هو، جيترو سنڌيءَ ۾ موجود هو. ان جي مالا مالي اڪثر عربيءَ مان ترجمن ۽ مذهبي ڪتابن تي منحصر هئي. پوري ڪٿ ڪري نٿي سگهجي، پر ايترو يقين آهي تہ ٻہ- ٽي سئو قلمي نسخا ڪنا ڪري سگهبا. نثر جا ڪتاب اڪثر اسلامي، تاريخي ۽ مذهبي ڪتابن جا ترجما آهن، جن ۾ ننڍيا ۽ ڪهاڻيون بہ آهن. اهي گهڻيون ڪري ولين ۽ نبين بابت آهن. انشاء، طب ۽ ٻين علمن تي پڻ ڪيترائي ڪتاب رچيل آهن.

اڪثر اوائلي ڪتاب نظم ۾ آهن، جنهن جو آخري قافيي جو حرف 'الف' هوندو آهي. مسلم اديبن ۽ بزرگن نثر تي گهڻو ڌيان نہ ڏنو آهي، ۽ ان کي مبتذل ڪري سمجهيو. جيئن تہ شعر هميشه ياد ڪرڻ ۾ آسان هوندو آهي، ۽ ان ۾ نثر کان وڌيڪ جاذبيت ۽ ترنم هوندو آهي، تنهنڪري، عام ماڻهن جي نصيحت ۽ اصلاح خاطر، اسان جن بزرگن سڀ قسم جا ڪتاب نظم ۾ رچيا، جن ۾ اگرچ ڪٿي ڪٿي ڦلهڙائي آهي، تڏهن بہ متانت ۽

سنجيدگيءَ سان ڀرپور آهن. جيڪڏهن صاف نثر ۾ ڪتاب لکيا ويا- جهڙوڪ "تفسير عزيزي" يا ٻيا- تہ انهن ۾ نثر جي ترڪيب ۽ ترتيب بہ عربي ۽ فارسي جملن جي مطابق آهي. تنهن هوندي بہ، ڪلامي زور ۽ ٻيون خوبيون منجهس جام آهن، ۽ ان جي خاص خصوصيت اها آهي جو صاف سنڌي ۽ نج ورجيسون ۽ اصطلاح ڪم آندا ويا آهن. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ جيڪو نثر لکيو ويو، سو وري اور نموني جو هو، ليڪن ان ۾ موجود زماني جي نثر جي جهلڪ نظر اچي ٿي. اوائل ۾، سن ١٨٥٤ع ڌاري غلام حسين محمد قاسم قريشيءَ "ڀنيي زميندار جي ڳالهہ" لکي. تنهن کان پوءِ سيد ميران محمد شاهہ متعلويءَ، سن ١٨٥٥ع ۾ "سڏاتو ري ۽ ڪڌاتو ري جي ڳالهہ" ، ۽ سن ١٨٦١ع ۾ "مفيدالصبيان" لکيا. انهيءَ ئي وقت ڌاري، منشي ننديرام ميراڻيءَ، "تاريخ معصوميءَ" جو انگريزيءَ مان ترجمو ڪيو، ۽ ساڳئي وقت "پکو پهہ" نالي ڪتاب زناني تعليم جي باري ۾ پڻ لکيائين. سن ١٨٧٠ع ڌاري، ديوان نولراءِ شوقيرام آڏواڻيءَ ۽ منشي اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ گڏجي، جانسن صاحب جي "راسيلاس" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ ساڳئي وقت منشي اُڌارام "ايسپ جون آکاڻيون" تيار ڪيون. سن ١٨٦٤ع ۽ ١٨٧٠ع جي وچ ۾ ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ، ٽي عمدا ڪتاب لکيا، جن مان اصليت جي بوءِ اچي ٿي- اهي آهن: "سوڪڙي" ، "گل ۽ گلقند" ۽ "گل شڪر" ، جي سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوعيت رکن ٿا ، ۽ اخلاقي نڪتن سان معمور آهن. ١٨٧٩ع ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب، جڏهن اجا ڦوهہ جوانيءَ ۾ هو، "بيڪنس ايسيز" جو ترجمو "مقالات الحڪمت" جي سرنامي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. ان کان پوءِ مسلم اديبن- جهڙوڪ لطف الله آخوند، مير عبدالحسن سانگي، احمد خان تڳيو خان، وغيره- توڙي هندن، نثر جي چڱي خدمت پئي ڪئي، جنهن جو بيان ڪرڻ باعث تطويل ٿيندو. بهرحال، اڃاتائين سنڌي نثر پوري ڪڙيءَ تي نہ آيو آهي، ۽ منجهس جدا جدا علمن ۽ فنن تي ايترا ڪتاب نہ لکيا ويا آهن.

سنڌي نثر جي بنسبت، نظمي ادب گهڻو گهاٽو ۽ نوعائتو آهي، ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ مرهٽي، هندي ۽ برج ڀاشا ٻولين (جن ۾ اردو بہ اچي وڃي ٿي) جي شعر کان درجي ۾ گهٽ نہ آهي. عربي ۽ فارسي عروض جا پيچيدا قاعدا، سنڌيءَ ۾ نامعلوم آهن- رڳو نقلي ۽ تقليدي شعرن ۾ ڪم اچن ٿا. سنڌيءَ کي پنهنجو ذاتي نظمي قالب آهي، مگر ٻيون ڀاڙي واريون ٻوليون- پشتو سوڏيون- ڌارين وزنن ۽ بحرن تي مدار رکن ٿيون. سنڌي شعر کي

پنھنجو مزو ۽ دلربائي آھي. لفظي طرز ادا سان گڏ منجھس اصطلاحي جزالت ۽ متانت، خيالي تازگي ۽ غرابت، جڄھي انداز ۾ موجود آھي. سنڌي ياشائن جي گھٽٽ ڪري، اعليٰ درجي جا شاعر، پنھنجيءَ عبارت کي پرپور بنائي، ڪنھن بہ قصي يا ڳالھہ جي مڪاني ڇھڇٽي کي اُتانھون جي ورجيسن ۽ لفظن سان واقفيت جو رنگ ڏيئي سگھن ٿا. ’سر حرفي‘ ھڪ مطلوب ۽ مرغوب صنعت آھي، جنھن جي وسيلي ۽ حالتن جي پڇاڙين ۽ ٻين رڪن ۽ لسن پيوندن کي دور ڪرڻ سان، ھڪ قسم جي نياري ۽ دل- وٽندڙ ڏنڪ پيدا ٿئي ٿي. سنڌين تي جو پنھنجي وطني شعر جو ايترو اثر آھي، تنھن مان ثابت آھي تہ سنڌي شعر ۾ متانت ۽ طرز ادا ٻئي موجود آھن. انھيءَ ڪري، صوفي عالم پڻ پنھنجين عربي ۽ فارسي تصنيفن ۾ بعضي بعضي سنڌي بيتن آڻڻ کان ڪين گسندا آھن. ھينيان شعر جا قسم سنڌين ۾ موجود آھن: (١) مداحون ۽ معجزا، (٢) مناجات، (٣) مرثيو، (۴) ڪوار يا لعنت، (۵) فتحنامو يا جنگنامو، (٦) ڪافي يا وائي، (٧) بيت، ۽ (٨) سنيھڙو يا نياپو. انھن مان پھريان چار قسم قديمي ادبي ٻولين تان ورتل آھن. ۽ ساريءَ اسلامي دنيا ۾ موجود آھن؛ ۽ پويان چار وڏيڪ اصلاٽتا ۽ طبعزاد آھن. موجوده زماني ۾ وري مخمس، مسدس، ترجيع بند، ۽ رباعي وغيره داخل ڪيا ويا آھن. مطلب تہ سنڌيءَ ۾ ھرڪنھن قسم جي صلاحيت رکيل آھي، جا ڪيس دنيا جي ادبي ٻولين ۾ ڪَرُ ڪٽائي سگھي ٿي.

شعر جو تہ ڪاٿو ئي ڪونھي! ساري ملڪ ۾ پکڙيو پيو آھي، جو ڪنھن ڪتاب ۾ گڏ نہ ڪيو ويو آھي، ۽ شايد ڪڏھن بہ گڏ ٿي نہ سگھندو. انھيءَ شعر مان ڳچ جيترو اھڙو آھي، جو سنڌي عالمن کي ان تي ڌيان ڏيڻ گھرجي. سچو نظمي ادب باطراوت، ورجيسن سان پريل، طبعزاد، جڄھو، لفظن توڙي عبارتن ۾ گوناگون، ۽ ساڳئي وقت سادو ۽ فطرتي آھي. انگريزي تعليم جي سرشتي ھيٺ لکندڙ زياده تصنع کي لڳي ويا آھن، ۽ ٻين عالماڻين ٻولين جي تقليد ڪرڻ ۽ انھن مان خيال اڌارا وٺڻ لڳا آھن. انھيءَ مان شايد سنڌي نثر کي تقويت پھچي، باقي شعر کي سو اھڙي قسم جي اھلَ ضرور زيان رسائيندي.

مٿئين مختصر احوال مان خبر پوندي تہ ’سنڌي‘ ھڪ تونگر زبان آھي، رڳو اسان جي غفلت ڪري مٿس ورھين جي لَٽ چڙھي ويئي آھي. منجھس ھڪ عاليشان ھمہ گير ادب جو سڀئي صلاحيتون موجود آھن. ڇا، اھڙيءَ ٻوليءَ کي سنڌي پنھنجي ھٿان وڃائيندا؟ پرائي محلات کي پسي،

پنهنجو اباڻو پونگو ڊاهي ڇڏيندا، ۽ پراون دهلن تي احمقن وانگر نچندا؟

ڀائرو، جيڪڏهن اوهان ۾ غيرت آهي، ته اُٿو- پنهنجي اباڻي ورثي جي سنڀال ڪريو! جا ٻولي مخدوم ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم، سيد عبداللطيف، بزرگ گروهڙيءَ ۽ ٻين عاليشان هستين جي هنج ۾ پلي آهي، ۽ جيڪا لفظن ۽ اصطلاحن ۽ ٻين ڪلامي خوبين جي ڪري ڪنهن به ٻوليءَ کان گهٽ نه پر گهڻو بلند ۽ بالا آهي، تنهن کي اوهين نڌڻڪو ڇڏي ڏيندا؟ جنهن قوم کي پنهنجو 'ادب' نه آهي، سا اڄ ڪنهن به قطار ۾ نه آهي. جيڪڏهن اوهان پنهنجو ادب وساريو، ته ڌوٻيءَ جي ڪتي وانگر، نه گهر جا ٿيندا، نه گهاٽ جا! اکيون پٽيو، جاڳو، پنهنجو ورثو سنڀاليو، نه ته سنت اوهان کي پڇتاءَ جون ترڀون مهڻيون پونديون!

(الوحيد جي آزادي نمبر: ١٤ آگسٽ ١٩٤٩ع تان ورتل)

# ”سرها گل“ جي تمهيد

[مرحوم علامہ صاحب، سن ۱۹۳۴ع ۾، جڏهن پاڻ جوگيشوري (بمبئيءَ) جي اسماعيليہ ڪاليج ۾ عربيءَ جا استاد هئا، ”سرها گل“ نالي، سنڌي شعر جو انتخاب ڇپائي پڌرو ڪيو هئائون. انهيءَ ڪتاب جي مقدمي ۾، سنڌي شاعريءَ جي جن عوامي خوبين کي سامهون رکي پاڻ ان جو انتخاب ڪيو هئائون، تنهن جي وضاحت انتهائي مفيد ۽ دلنشين پيرايي ۾ ڏني اٿن.]

گـذري جي ويـا، سـي زمـانـا يـاد پـيـا،
وسـري جي ويـا، سـي تـرانـا يـاد پـيـا.

دل تـي آيـا ’وامق‘ و ’فـرهـاد‘ و ’قـيـس‘،
ڏسـنـدي ئـي دانـا، ديـوانـا يـاد پـيـا.

فـصـل جي خواهـش ۾ وسـري اصـل ويـو،
سـنـگ چونـديـنـدي نـہ ڪـانـا ياد پـيـا.

واديءَ مـجـنـون ۾ ڏسـنـدي سـنـگ و خار،
عـقـل وارن جا خزانـا يـاد پـيـا.

جڏهـن چريـو ٿـي چؤطرف جي ڪيم چڪاس،
تـڏهـن مـون کـي دوسـت دانـا يـاد پـيـا.

ڏسـنـدي ئـي نـو دولـتن جون دولـتـون،
اصـل جي خانـن جا خانـا يـاد پـيـا.

وصـل جو وعـدو جي کـنـهـن کـان کـو ٻُڌم،
تـڏهـن دلـبـر جا بـهـانـا يـاد پـيـا،

ٿـيـو يقـين، ”سـانـگـي“، تـہ آهي سـڀ گـذر،
شـان شـاهـن جا شـهـاٿـا يـاد پـيـا.

سمنڊ جي اجهاڳ ۽ بي انت تري ۾ سهسين بي بها موتي سپجن

ٿا، جي هوند جهان کي وڏيڪ جرڪائين ۽ اُجالو ڪن. هزارين گلابي گل، پنهنجو محبوبي منهن لڪائي، بريت کي واس ڏين ٿا، جن مان هوند سنسار کي سڳنڌ ملي! اسان جي پياري سنڌڙي ٻه ڪنهن سمي اهڙن امل ماڻڪن جي کاڻ هئي، ۽ اهڙن سهڻن گلن جو چمن هئي. ڪٿي آهن اهي غواص، جي پاتال ۾ پيهي سپون سوجهي ڪڍن، ۽ جوتيون جواهرن جون عالم کي آڇين؟ ڪٿي آهن اهي واس وٺندڙ ڪوڏيا، جي بيراني بيابان جهاڳي، نازڪ گلن جي سرهاڻ سنگهن، ۽ ان جي عطر سان دنيا جي دبيل دماغ کي دَئي ڏين؟ ڪٿي آهن اهي ڪانيءَ ڪرامت جا صاحب، جن جي فيض مان پرت جا پهيڙا پُرجام پيئندا هئا؟ اڄ انهن جي جاين تي ڏُپ- سڙيا الغارون ڪري رهيا آهن.

جتي هنج هئا، ات ڪانون ڪانگيرا ڪيا،
ويچارا، "وليداد" چئي، ولر ڪري ويا،
اچي اُل پيا، انهن اوطاقن ۾!

اسان جي قسمت ۾ ڪوتاهي آهي، جو اهڙن الماسن کان منهن موڙي، فراق ۽ ڦوڙائي جي ڳالهين ۾ ڦاسجي ويا آهيون، ۽ وصل ۽ ميڙائي جي وائي وسري ويئي اٿئون. ڪنهن زماني اسان جو ديس آريا ۽ اسلامي تهذيبن جو مرڪز هو، جتي مسلم ۽ هندو، پياري وطن جي اکين جا تارا، ريجهه- رهاڻ ۾ رهندا هئا، ۽ جڳ کي وحدانيت ۽ ايڪتا جو سبق سيکاريندا هئا. هينئر ته اهڙو ڪو هير- گنبذ جو واءُ لڳو آهي، جو ماٺو ئي متجي ويا آهن! وڏڙا ويچارا، پنهنجو منهن لڪائي، مقامن ۽ مساڻن مان اسان جي شوم بختيءَ جو نظارو ڪري رهيا آهن. انهن جا روح تاتي رهيا آهن ته 'آهي ڪو، جو سڪل ڪسيءَ ۾ پاڻي آڻي، ۽ وڃايل وٿون واري هٿ ڪري؟' اهي مٺيادار مَرڪڻ، جن جي صحبت رس- ڀري هوندي هئي، جن جي وات مان پلپل سياڻپ جا سندر سخن نڪرندا هئا، جي چپي چپي تي پهاڪا ۽ چوڻيون ۽ سگهڙن جا قول مثال طور آڻيندا هئا، جن جي ٻاجهاريءَ ٻوليءَ ۾ نڪي عربيءَ ۽ فارسيءَ جا اڙانگا لفظ هوندا هئا ۽ نڪي سنسڪرت جا ڳاٽي ٽوڙ ڪلما، ۽ جن جي زبان ۾ عجب قسم جي رواني ۽ شستگي هوندي هئي، تن جا پويان اڄ اڪثر رڳو شيڪسپيئر ۽ شيليءَ جا شيدائي ٿي، پنهنجو ورثو وساري، پراون ڍهلن تي احمقن وانگر نچي رهيا آهن: نڪي مغربي شائستگيءَ مان ڪا هڙ حاصل ٿي اٿن، ۽ نڪي پنهنجن وڏن جي فيض مان ڪو حصو پِڙ پيو اٿن- ڪانوَ وانگر، مور جي رفتار تي موهت ٿي، پنهنجو چلڻ بہ ڪاري ڇڏيو اٿن. اها سڀ اسان جي بيپرواهيءَ جي

شامت آهي. هينئر به جيڪڏهن ڪوشش ٿئي، ۽ هرهڪ نندو وڏو پڪو پهه ڪري پنهنجي اباڻيءَ ميراث لاءِ واجهه وجهي، ته هوند تاريخ ۽ علم ادب جو چڱو سرمايو موجود ٿي پوي. اجا به ويل نه ويئي آهي- ڪنهن نه ڪنهن قبيلي ۾ اجا به اهڙيون عجيب هستيون لينديون، جن کي اڳئين زماني جا نقل ۽ نظير ياد هجن. مثال طور، اسان جي ڳوٺ ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو هئا، جي ميرن جي صاحبي سنيرندا هئا. جهڙوڪ وڏيرو جڙيو ۽ عيسو فقير ميربحر- پر اسان جي لاغرضائيءَ ۽ غفلت وچان اهي راهه رباني وٺي ويا، ۽ ڪنهن به انهن مان بخرو نه ورتو. سال ١٩٣١ع ۾ آڪٽوبر واريءَ تعطيل ۾ وطن وڃڻ ٿيو، اتي اوچتو پور آيم ته چونه پنهنجيءَ فرصت جا ٻه- ٽي ڏهاڙا پراڻن شاعرن جي ڪلام گڏ ڪرڻ ۾ سجايا خرچ ڪريان. چاچي ندي (نظام الدين) کي اهڙا گهڻا نُڪتا ياد آهن، تنهن وٽان رمضان ڪنير جو ڪجھ ڪلام، امير علي شاهه، احمد علي، نورمحمد ۽ پير امين محمد جون ڪافيون، ۽ ٻيا گفتا هٿ ڪيم. اهڙيءَ طرح، ڏاڏي محمد صديق وٽان رمضان ڪنير، حافظ ولي ۽ عثمان جون ڪافيون لکيم. باقي هرٽيءَ جو معجزو ۽ ڪانگ جا ٽيئي ڪلما، اوائلي شاگرديءَ جي ڏينهن ۾ قلمبند ڪيا هئم. انهن مان هرٽيءَ جو معجزو ۽ ڪانگ جو ٻيو ڪلمو، ڏاڏي محمد صديق وٽان لکيا هئم. پهريون ڪلمو بابي کي ياد آهي، ۽ ٽيون ڪلمو، مرحوم هارون لاءِ مرحوم پيربخش ڪٽيءَ وٽان اتاريو هوم. موڪل جي پڇاڙي آئي، ۽ باقي ڏاڏو حاجي سائينڏنو رهجي ويو. خيال هوم ته آئيندي سندس پڪي فصل مان ڪي سنگ لڻندس، پر هن جي حياتيءَ وفا نه ڪئي، ۽ ٻمبئيءَ موٽڻ کان پوءِ سٽت سندس لاڏاڻي جو ٻڌوسون؛ نه ته هو ڳالهين جو ڳهير، ۽ نقلن نظيرن ۾ بينظير هو، ۽ سندس صحبت به غنيمت هئي- خدا شال مرهيس، ۽ جنت ۾ جاءِ ڪريس! چاچي ندي ته ٿڌو ساهه کڻي چيو ته "ابا، هينئر اسين قبر جي ڪنڌيءَ تي وينا آهيون، اڳيان دفتر دلين تان ڌوبي ويا؛ ۽ دلگهريا سنگتي، جن سان حال اورجي ۽ هنئين جا غبار لاهجن، سي سڀ برقعو مٽائي ويا: جندُ آهي آهوڙيي سان، ۽ گذريل ڳالهيون ۽ ڳڻ تڏهن ياد پون، جڏهن ڪو اهڙو موقعو ملي، ۽ ڪو همدم همراهه هجي، جو وٺ- وراٽي ڪري- (پوءِ هيءُ بيت پڙهيائين):

او تَڙَ پيم اپارَ، هينئڙو لَٽُ لَٽي ويو،
هئا هنياريءَ وچ ۾، پريَم تنهنجا پارَ،
سُٽي پيم نه سارَ، تيلانهه وَهه وَهِي ويو!

’بيوس‘ جو شڪرگذار آهيان، جو پنهنجن نظمن ڇپڻ جي موڪل ڏني
آخر ۾ آرزو اٿم ته پڙهندڙ هن منهنجي جرئت تي خنلو نه وٺن، ۽ عيب جو
۽ نڪته چينيءَ کي نظرانداز ڪري؛ سهوَ ۽ خطا تي چشم پوشي ڪن.
والله الموفق الصواب.

باندرا، مسود الاوراق

جون، ١٩٣٢ع عمربن محمد دائوپوٽو